

# شهيد پيءُ جو شهيد ڌيءُ ڏي خط

ذوالفقار علي ڀٽو

منصور عثمان

# شهيد پيءُ جو شهيد ڌيءُ ڏي خط

ذوالفقار علي ڀٽو

---

منصور عثمان

سنڌي ساهت گهر
حيدرآباد، سنڌ
2008ع

# ٻه اکر

سنڌي ساهت گهر طرفان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو، پنهنجي اڏول ۽ ارڏي نياڻي محترمه بينظير ڀٽو ڏانهن جيل جي ڪال ڪوٺڙي، ڦاسي گهاٽ مان لکيل خط جو، ترجمو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، پنهنجي خط ۾، پنهنجي نياڻيءَ مان جيڪي اُميدون رکيون هيون ۽ جيڪي ڪيس هدايتون ۽ رهنمائيءَ جا رستا ٻڌايا هئا، محترمه بينظير ڀٽو انهن راهن تي هلي شهادت ماڻي چڪي آهي.

هيءُ خط هڪ وڏي تاريخ آهي ۽ ڀٽو ازم جي پيروڪارن لاءِ مشعل راهه طور ڪم ايندو رهندو.

حيدرآباد سنڌ

6- مارچ 2008

**ناز سنائي**

www.bhutto.org

سڀني مظلوم سنڌي قوم جي نالي

www.bhutto.org

منهنجي پياري ڌيءُ پنڪي!

هڪ تُهمتي قيدي، پنهنجي پيءُ جي زندگيءَ بچائڻ لاءِ وڙهندڙ سُندر ۽ هوشيار ڌيءُ ڏانهن. جيڪا پاڻُ به قيدُ ۾ هوندي جاڻي ٿي ته هُن جي ماءُ پڻ سندس جيان ساڳيءَ پيڙا ڀوڳي پئي. سالگرهه جي واڌاين واري اهڙي جذبي سان خط ڪيئن ٿو لکي، جيڪو لکپڙهه کان اُتم آهي، ته پيار ۽ کهل جو نياپو هڪ قيد جي سِيخن مان نڪري ٻئي قيد تائين، ۽ هڪ سنگهر کان ٻيءَ سنگهر تائين ڪيئن ٿو پُهچي.

نهرو پنهنجي ڌيءُ سان گهڻو پيار ڪندو هو تنهن پاڻ پنهنجيءَ ڌيءُ ڏانهن سالگرهه جون واڌايون جيل مان موڪليون هيون. مون اُها ڳالهه توسان اڳ ۾ پهرين يا ٻئي خطن ۾ به ڪئي هئي، جيڪي مون توڏانهن ٽي خط جڪارتا مان 1964ع ۾ لکيا هئا. جڏهن تون 'ڪانوينٽ ميريءَ' ۾ پڙهندي هُئينءَ ۽ صنم ته اڃا ننڍڙي هئي. اُن ڊگهي خط ۾ مون لکيو هو ته، نهرو ڪيئن پنهنجي ڌيءُ ڏانهن جيل مان دنيا جي تاريخ تي خط لکيا هئا. پوءِ اُهي خطَ سهيڙي هڪ ڪتابَ جي روپ ۾ ڇپايا ويا هئا. جنهن ڪتابَ کي 'دنيا ۾ جهاتيون' جو نالو ڏنو ويو هو.

مونکي پڪ آهي ته، هُن جو پهريون خط سالگرهه جي واڌاين جو هو

www.bhutto.org

چڱيءَ ريت سُڃاڻان، جيئن تنهنجو ڏاڏو سندس ڏاڏي کي سُڃاڻندو هو. آئون هُن جي لکڻين ۽ گُڻن کي گهڻو مڃان ٿو پر آئون سندس پرستارن مان نہ آهيان. اِهو آئون اڳ ۾ بہ چئي چُڪو آهيان. اهو سچ آهي تہ هوءَ هندستان جي پرڌان منتري ٿي. ۽ اُن اوچي پَد تي، يارهن ورهين تائين رهي. تنهنڪري اُهو بہ ممڪن آهي تہ هوءَ ٻيهر هندستان جي وزيراعظم بڻجي. جڏهن اوير پاڪستان ڌار ٿيو تہ هُن کي 'ديوي' سڏيو ويو هو.

اُنهن سڀني ڳالهين جي جاچ رکندي بہ، آئون ايئن چوڻ ۾ ڪابہ هُبڪ نٿو پائيان، تہ منهنجي ڏيءَ جواهر لال نهروءَ جي ڌيءَ کان ٿورڙو سرس آهي. 'هندستان جي ديوي' اهو آئون جذباتي ٿي، پنهنجيءَ دل سان نٿو چوان، پر اِهو منهنجو ايمانداراڻو رايو آهي.

توهان ٻنهي ڄڻين ۾ جيڪا شيءِ ساڳي آهي، سا اها تہ اوهان ٻئي هڪ جيتريون بهادر آهيو ۽ ٻئي نِج رُڪ جون نهيل آهيو. پر تنهنجا گُڻ ۽ لڇڻ توکي ڪيڏانهن وٺي ويندا. تنهن بابت آئون پائيان ٿو تہ رواجي طرح اُهي توکي گهڻو مٿانهون کڻي ويندا. ۽ ٿُون اوچي پَد تي پهچنديندءَ. پر اسان جنهن سماج ۾ رهون ٿا، اُتي قابليت تہ عيب. ۽ گهُٽيل وچٿرائپ وري سرمايو آهي. اها تنهنجي ٻيءَ، قائداعظم، شايد سهرورديءَ ڪانسواءِ نرالي ڳالهہ آهي تہ هن مُلڪ کي ناتڪين يا ڪامورن هلايو آهي. اهڙيون حالتون شايد تڏهن بدلبيون، جڏهن ويڙهاڪ نوجوان نسل پنهنجي جاکوڙ تيز ڪندو. جيڪڏهن هاڻي تبديليون نٿيون اچن، تہ پوءِ تبديليءَ آڻڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچندو. يا حُڪمراني طاقت ڏانهن منتقل ٿي وڃي، يا وري سڀ ڪجهہ ناس ٿي وڃي.

تنهنجي ڏاڏي مونکي ماڻ مريادا واريءَ سياست سيکاري هئي. ۽ تنهنجي ڏاڏيءَ مون ۾ غُربت جي سياست ڏانهن لاڙو رکڻ جو چاهہ اُياريو. تنهنڪري آئون ٻنهي ڄڻن جو ٿورائتو آهيان. جن مونکي اُن جو پلوڙ ٻنڌڻ سيکاريو. منهنجي پياري ڌيءَ! آئون توکي رُڳو هڪڙو نياپو ڏيڻ چاهيان ٿو جيڪو مُستقبل ۽ تاريخ جو نياپو آهي. رُڳو ماڻهن تي ڀروسو ڪر. ۽ سندن آزاديءَ ۽ برابريءَ لاءِ جاکوڙ. جنت تنهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان تہ

www.bhutto.org

آهي، پر سياست جي بهشت ماڻهن جي پيرُن هيٺان آهي. مون پنهنجي عوامي زندگيءَ ۾ ننڍي ڪنڊ ۾ گهڻ ڪارناما ڪيا آهن. پر جيستائين مونکي ياد اچي ٿو ته سڀ کان وڏو انعام ـ ساراهيندڙ ڪم اُهو آهي، جيڪو ڏُڪايل غريبن جي ٿڪل ماندن مُکن تي مُرڪ آڻي. ۽ ڏڪايل ڳوٺاڻن جي اکين ۾ چمڪ آڻي.

هن موت جي ڪوٺيءَ جي چوڌيواريءَ ۾ دنيا جي مهان اڳواڻن مونکي جيڪا مجتا ۽ مانُ ڏنو آهي، تنهن کان وڌيڪ آئون ڳوٺ جي اُن ويچاري رَنڙ عورت جا لفظ ياد ڪندي ڳاٽ اوچو پائيان ٿو جنهن منهنجي سرڪار طرفان سندس پُٽ کي پرڏيهه ڏانهن اسڪالرشپ تي وڌيڪ تعليم لاءِ موڪلڻ ڪانپوءِ چيو هو: "صدقو وڃانءِ، سُهڻل سائين." وڏن ماڻهن لاءِ اُهي ننڍڙيون ڳالهيون آهن. پر مون جهڙي ننڍڙي ماڻهوءَ لاءِ سچ ته اها وڏيءَ ڳالهه آهي. توهان ڌرتيءَ ماءُ کي چُمڻ لاءِ تيار نه ٿيڻ تائين وڏا ٿي نٿا سگهو. توهان ڌرتيءَ جي مهڪ نه سُڃاڻڻ تائين ڌرتيءَ جو بچاءُ نٿا ڪري سگهو. آئون پنهنجي ڌرتيءَ جي مهڪ کي سُڃاڻان ٿو. آئون پنهنجن درياهي وهڪرن جي موسيقيءَ کي سُڃاڻان ٿو. آئون پنهنجن نغارن جو دَڦُ سُڃاڻان ٿو. تاريخ جي دروازي ٻاهران بيٺل اُهي اصول، متا ۽ لکيون نيڪ آهن. پر سڀُ کان وڌيڪ اوچو ڀاڱو اهو آهي ته، ماڻهن جي اُمنگن ۽ ڪين سُڃاڻڻ جي مڪمل اهليت هُجي. هڪ پيرو جيڪر سُرن جو مطلب سمجهه ۾ اچي وڃي، ته پوءِ شيون نيٺ صحيح جاءِ تي اچي وڃن ٿيون. اصول پاڻُ اڳتي هلي وقت تي پهچي وڃن ٿا. ۽ پوءِ نيٺ تنهن وقت موسيقيءَ جنم وٺي ٿي. اُن ڳالهه جو اُهو مطلب هرگز نه آهي، ته آئون عمليت پسنديءَ جو پرچار ٿو ڪريان. ڇوته اُن جي گهڻي گهُرج به آهي. آئون مسئلي جي جَڙ تائين پُهچڻ جي ڪوشش پيو ڪريان، ته اصل ڇتاپيتيءَ ڪتان جنم ورتو ۽ هلچل توڙي جاکوڙ جو مقصد ڪهڙو آهي.

آئون اهڙي ڪوٺيءَ مان توکي ڪهڙي سوکڙيءَ ڏيئي سگهان ٿو جنهن مان منهنجا هٿُ به ٻاهر نڪري نٿا سگهن. پر آئون تنهنجن هٿن ۾ عوام

www.bhutto.org

هڪٻئي سان پائيچاري آڌار امڙا لاڳاپا جوڙين. جيڪي چين سان سندن دوستيءَ کي جوکي ۾ نه وجهن. جيڪڏهن اسان ٻئي سِڌي واٽ وٺون ٿا ته، پوءِ گڏيل بچاءُ وارو سوال ئي نٿو اُڀري.

"ذوالفقار علي ڀُٽي 10 ڊسمبر 1962ع کان هڪدم پوءِ هڪ انٽرويوءَ ۾ هڪڙو عام ويچار ڏنو ته آمريڪا جي چين بابت مفادن جي سُڃاڻپ کي ضروري روپ ڏيڻ گهُرجي. اها حڪمت عملي هئي، جيڪا هن گهڻي محنت سان ناهي هئي، ۽ پوين ورهين ۾ مونکي ڪيترائي ڀيرا ٻُڌائي هئي. ڀُٽي 20 ڊسمبر 1962ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ هڪ انٽرويوءَ دوران ٻيهر اها آس ڏيکاري هئي، ته آمريڪا ۽ چين وچ ۾ ڇڪتاڻ جي پڄاڻي ٿئي. اها ڳالهه اڳتي هلي هن پنهنجي 'آزاديءَ جي ڏندڪتا' ڪتاب ۾ صفحي 21 تي لکي. ڪجهه عرصي ۾ هن محسوس ته پاڪستان جا اُن ڏس ۾ ناتا، چين ۽ آمريڪا وچ ۾ هڪ ٻئي سان ويڇا ختم نه ٿيڻ تائين، پاڪ- آمريڪي ناتن کي ڇيهو رسائيندا. ستر جي اوائل ۾ چين هر طرح پاڪستان جي دوستيءَ کي قيمتي سمجهندو هو. ايشيا جو پاڻ تي ڀاڙڻ ۽ باعزت پاليسين سبب، سندس مدد لاءِ پاسو ڪندو هو جنهن عمل کي پاڪستان ۾ گهڻو ساراهيو ويو ٿو. اهو عقلمند عمل نه رڳو پاڻ مجبور ڪندڙ هو پر هن جو ويچار هو ته جيڪڏهن هندستان- چين دشمني وڌنديءَ ته پوءِ پاڪ- چين لاڳاپا پاڻ ويتر سگهارا ٿيندا. جيڪي پاڻ ۾ گڏيل راضپي سان پاڪ- چين وچ ۾ مفادن جي ضمانت ڏيندا. پَنو پنهنجي ويچار ۾ صحيح هو ته هندستان جا اُن ڏس ۾ تضاد وڌيڪ تيز ٿي ويندا ۽ پاڪستان جا ناتا هڪدم هندستان ڏانهن جهُڪاءُ لاءِ ضروري ٿيندا، نه ته تضاد چوٽ چڙهي ويندا. 1965ع جي پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ لڳل جنگ ۾ پيڪنگ، پاڪستان جي اصولي فوجي مدد ڪئي."

سليگ هيريسن صفحي 27 تي اڳتي هلي لکي ٿو:

"مسلم ليگ جا اڳواڻ پهرين پاڪستان ناهڻ لاءِ ذميوار آهن، ۽ انهن پاڪستان جو بنياد رُڳو مذهب تي رکيو آهي، ڇوته اُهي تنگ نظر جاگيردار معيشت جي نمائندا ڪندا هئا. تنهنڪري قدرتي طرح انهن

www.bhutto.org

هڪبئي پٺيان راڄ ڪيو ۽ وڏي پيماني تي سماجي انصاف کان بہ لنوايو. نيٺ، ذوالفقار علي ڀُٽي پنهنجين ڪوشش سان بنگلاديش جي جنگ کان پوءِ باقي بچيل ڪنڊر مُلڪ کي بچايو."

سليگ هيريسن جي ڪتاب تي هتي لکڻ جو مقصد اهو آهي، تہ جيڪڏهن 1962ع ۾ آئون سائنو۔ آمريڪن لاڳاپن جي مستقل لاڙن کي اڳوات صحيح طريقي سان سمجهان ها، تہ هوند آئون پنهنجي ملڪ بابت جيڪر اجا وڌيڪ ڄاڻان ها، تہ اُن جو مستقبل ۾ ننڍي ڪنڊ ۾ ۽ هن علائقي ۾ ڪهڙو ڪردار ٿي سگهندو. انهيءَ مقصد لاءِ آئون جرمنيءَ جي ايلچيءَ سان 1965ع ۾ آفريڪا جي مستقبل بابت راولپنڊيءَ ۾ ڪيل پنهنجيءَ ڪچهريءَ تي ڳالهايان ٿو. ايشيائي قومپرستي انيڪ عنصرن کي پاڻ ۾ سموئي ٿي، جنهن جو مطلب آهي تہ اها وڌندڙ ويجهندڙ ۽ بيشڪ ڪنهن هندُ بيٺل نہ آهي. اُن جي هاڻي اها معنيٰ نہ آهي تہ هندستان ڇڏيو. بورزوا قومپرستيءَ واري وڻ جون ڪيئي ٽاريون آهن. جيڪي گهٽي جاءِ تي ڇانوَ ڪن ٿيون. اُها ناهوڪي، نوس وصف ثابت ڪري ٿي تہ آمريڪا، ويٽنام ۾ جيڪا آفت جهڙي غلطي ڪئي هئي، سا هئي آڳاٽين سيٽائن ۽ مذهبن جي جُڙيل ايشيا جي رنگارنگي قومن تي بدّل ايشيائي قومپرستيءَ کي گهٽي سادي نموني ۾ سمجهڻ. ڇا سامياواد، ايشيائي قومپرستيءَ جو ڀاڱو آهي، يا وري ايشيائي قومپرستي سامياواد جي ماتحت آهي. اُن ڳالهہ جو سادو جواب اهو آهي تہ اهو هر ملڪ جي تاريخي حيثيت تي آڌار رکي ٿو. ڪجهہ ملڪن ۾ اهو ايئن آهي، تہ وري ڪجهہ ملڪن ۾ نہ ايشيا ۾ اهڙا ڪيترائي مُلڪ آهن، جتي اهڙي قسم جو سُوال اجا اُٿيو ئي نہ آهي.

جديد سامياواد ڇا آهي؟ اُهو سوويت يونين جو سامياواد آهي، يا وري چين جو. مارشل ٽيٽو يا فيڊل ڪاسترو جو سامياواد آهي، يا ويٽنام يا ڪمبوڊيا جو يا وري انگولا جو قومي سامياواد آهي. ڇا اهو يورپي سامياواد آهي؟ جيڪڏهن اُهو يورپي سامياواد آهي، تہ پوءِ ڇا اهو اٽليءَ جو تاريخي ناهہ آهي؟ يا اسپين جو سامياواد، جنهن پاڻ کي ليننزم جي مٿي

www.bhutto.org

اولهه يورپ پهرين پاڻ کي مذهب پٽاندر بچائي، پوءِ آفريڪا کي چاتابردار ايلچيگيريءَ ذريعي بچائي، چوته اولهه يورپ ۾ سرمايداري نظام خطرناڪ حد تائين بيمار آهي. ناٽي جي ڦهلاءَ جي حد وڌي وئي آهي. جڳ مشهور معاشي ماهر هائيڪ ۽ ڪينس اولهندي ملڪن لاءِ مُدي خارج ٿي پيا آهن. اندروني تضاد اوُج تي پهچي چڪا آهن، ۽ نئون نسل جامد صورتحال کان چڙيل آهي. هڪ نُقطي تي نوجوانن پنهنجون اُميدون يورپ جي ساميا واد پارٽين سان جوڙيون آهن. پر يورپ جون ساميا واد پارٽيون گهٽي عرصي کان هئڻ ۽ نه هئڻ جي وچ ۾ لُڏن پيون. انهن پوريءَ طرح نوجوانن ۽ پورهيت طبقي جي جيئرن جاڳندڙ آدرشن جا سپنا ٽوڙي ڇڏيا آهن. زوالجندڙ يا بگڙيل سرمايدار نظام بجاءِ، هڪ جيئرو پر ڏڪندڙ متبادل يا غيرمتوازن يورپي ساميا واد ڪيئن رهندو تنهن بابت به هاڻي سچائيءَ تي بدّل رَويا اُڀرن پيا. يورپي ساميا واد جو هاڻي ڇيد پيو ٿئي، ۽ هاڻي اهو انقلابي طاقت طور غيرموثر بڻجي چڪو آهي. اُن جي زوال اولهه يورپ ۾ سوويت يونين جي سياسي اثر کي ته لوڏيو آهي، پر انقلابي نظريي جي روپ تي ڪنهن به ريت اثرانداز نه ٿيو آهي، جو اُن انقلابي نظريي وڌيڪ ويڙهاڪ روپ ڌاري ورتو آهي. نوجوان نسل ۽ تصورپسند، سرڪار جو ڏاڍ توڙي ظلم ۽ گهُٽ وڌيڪ پائنين ٿا. اُهي بيخبر تصوراتي نسل جي خيالن ۽ انقلابي اُمنگن جي پُورتا لاءِ ڪنهن متبادل لاءِ واجهائين پيا، چوته اُهي 'پلاسٽڪ دؤر' کان بيزار ٿي پيا آهن. يورپي ساميا واد جو پِرم ٽُٽي پيو آهي، چوته اهي سمجهن پيا ته يورپي ساميا واد جو سرمايدارَ نظام سان جُڙتو حرفتي ناهه. حڪمت عمليءَ جي پوئتي موٽ آهي. تنهنڪري اُهي اُن حڪمت عمليءَ جي پٺتي موٽ لاءِ تيار نه آهن، ۽ اهي اوندهه ۾ اڳتي وڌڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

فرانس ۾ 1968 ۾ "رُڪاوٽ کي رڪاوٽ سڏيو" جي نعري گهڻي مشهوري ماڻي هئي. يورپ جي نئين نسل ايئن سماجواد توڙي ساميا واد ۽ سرمايدارَ نظامن ٻنهي کي رد ڪيو آهي. تنهنڪري هاڻي روڪڻ لاءِ

www.bhutto.org

ڪجهه به نه بچيو آهي. ٻنهي نظامن جي غير موجودگيءَ ۾ اُهي ڇا ناهيندا؟ ڇا انهن جي ناهڻ جو نظريو هوندو. نئون فلسفو نئين جوڙجڪ ۽ شعوري طور پنهنجي تباهي پاڻ آڻڻ؟ اُها نِسوري چريائپ ٿي لڳي.

پر يورپ جو نئون نسل چريو نه آهي. جيڪڏهن قوم ۽ رياست جي جوڙجڪ ٻن مهان طاقتن جي ضابطي هيٺ رهي، ته پوءِ دنيا جي هڪ نيوٽران ٻم جيان ڦاٽي پوڻ اٽل آهي. ۽ جيڪڏهن اُهو عالمگير ڌماڪو ٻين جي چُرچ تي ٿئي. جنهن جو امڪان آهي، ته پوءِ ڇا اها وڏيڪ غيرتمندي آهي ته ننڍي پيماني تي ۽ بيدرديءَ سان پاڻمرادو پنهنجي تباهي پاڻ آڻجي... ڇوته مثبت عمل اڳتي وڌڻ جو اُتساهه ڏئي ٿو. اُن جي قوت ۽ رفتار رُوپ وٺي ٿي. جيڪا ڇِٽنگ جي چمڪ مهل سمجهه ۾ اچڻ جهڙي يا تيڻ جهڙي نٿي لڳي. دل گواهي ڏئي ٿي، ته سچ ڪي ڪتب آندو وڃي، ڳولي لهجي. ۽ پوءِ دل اهو فيصلو ڪري.

چنگيز خان جڏهن منگوليا جي ننڍڙي ڳوٺ مان گهوڙي سوارن سان گڏ نڪتو ته ڇا هُن کي پتو هو ته، سندس پويون نسل يورپ، روس، چين ۽ هندستان تي سوڀ پائيندو ۽ اهڙو نظام رواج ۾ آڻيندو جيڪو ڪيئي پيڙهين تائين اَٽل رهندو. تاريخ ۾ ماڻهن جا اهڙا انيڪ مثال آهن. جن سماج ناهڻ بجاءِ ڍاهڻ جي مقصد جي ذميواري مڃي آهي. تاريخ ۾ اهڙا مثال به آهن. جو جن ماڻهن سماج کي ظاهري طور ناهيو تن اصل ۾ ڪيس تباهه ۽ برباد ڪيو هو. يورپ جي شهرن هائيڊل برگ ۽ ٽرينٽي ۾ پيرس ۾ الهامي علم واري شعبي جي نوجوان مردن ۽ عورتن، 'آڪسفورڊ ۽ ڪئمبرج وارن نه'، پنهنجيون دليون روشن ڪيون آهن. اهو رڳو وقت ئي ٻڌائيندو ته اهو شعلو دنيا کي نئين روشني ڏيندو يا وري سڀ روشنيءَ جا ڏيئا وسامي ويندا.

اولهه يورپ کان ايشيا ۽ آفريڪا جي حالت وڌيڪ مُنجهيل ۽ ڳنڀير آهي. آفريڪا ۾ ڇڪتاڻ اڃا اوائلي ڏاڪن تي آهي. ايشيا ۾ اها هڪ حالت مان ٽتجي ٻيءَ حالت ۾ اچي چڪي آهي. ۽ يورپ ۾ ته اها اڃا گهڻو ڏُور آهي. اچرج جي ڳالهه اها آهي ته يورپ. آفريڪا بابت اڃا به پريشان

























DAWN NEWS
KTN
WAQT
Ptv









ڏيان ۾ رکيو وڃي ته اسرائيل وٽ نيوڪليائي هٿيار آهن. وچ اوڀر ۾ يا سندس پرپاسي فوجي آمريت، قومن ۽ ننڍين قوميتن واريءَ رياست جي نظام کي وڏيڪ تيزيءَ سان ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏينديءَ جيڪي نيٺ سماجوادي طاقتن جي قبضي ۾ اچي وينديون.

اصل ۾ ايراني شهنشاهه بلڪل صحيح هو جڏهن 1978ع ۾ جُون مهيني جي اوائل ۾ هُن چيو هو ته، ايران جي وڳوڙ ۽ ڏقيڙ جو نتيجو اهو نڪرندو جو ڪو بادشاهه اچي تخت تي ويهندو. ايران ۾ ٻه ڪو شهنشاهه طائوسي تخت تي ويهندو جيڪو گهُرج پٽاندر آئين ۾ سُڌارا آڻيندو يا وري طائوسي تخت ايران جي ڪنهن عجائب گهر ۾ رکيو ويندو. ٻچاڙڪي ڇنڊڇاڻ پٽاندر ايران ۾ بادشاهيءَ 'شهنشاهيت' بجاءِ نه مُلان آهن، ۽ نه فوجي جنتا. پر اُن جي جاءِ ايران جي سامياواد توده پارٽي ئي، وٺي سگهي ٿي. آزاد خيال لوڪشاهي ڇا آهي؟ ايران ۾ آزاد خيال لوڪشاهيت جي روايت ئي نه آهي. اُها ڪنهن شهنشاهيت جي هٽ هيٺ هلي سگهي .ٿي، جيڪو پارليامينٽ کي لوڪشاهي حق ڏئي. پر اُها ڪنهن ٺاهوڪي جنتاءِ بجاءِ ٺُرت هيٺ اچي ڦهڪو ڪندي، پهرين پيري ته لالچي جرنيل اُن جُڙتو وڳوڙ جو فائدو وٺندا، پوءِ اُهي پاڻ ۾ وڙهي مرندا. جيڪڏهن ڪو جرنيل انهن ماڻهن وچ ۾ مخالفت ۽ ڇتاپيٽي ڪندو ته اُن وِٿيءَ دوران توده پارٽي قدم رکنديءَ ته جيئن ٻُڏندڙ ٻيڙيءَ جي باقيات کي ايئن بچائي سگهي، جيئن نيپولين فرانس جي باقيات کي بچائڻ لاءِ نروار ٿيو هو. وڏيڪ ٺيڪ مثال لينن جو آهي، جنهن زار جي خاتمي کان پوءِ رُوس کي بچايو ۽ وڏيڪ تازو مثال مائوزي تنگ جو آهي، جنهن جنرل چيانگ ڪائي شيڪ کي ورثي ۾ مليل وچين بادشاهت جي زوال کان پوءِ چين جي باقيات کي بچايو.

لاطيني آمريڪا پڻ گهڻي عرصي کان آمريڪا جي نگهبانيءَ ۾ رهيو آهي. اُن کان اڳ اسپين ۽ پورچوگال جي بيرحم ظالماڻي بيٺڪيت هئي، جنهن لاطيني آمريڪا کي ايتري اجازت ئي نه ڏني، ته اها دانشمنديءَ سان

www.bhutto.org

اُڀري ۽ ترقي ڪري سگهي. لاطيني آمريڪا جي گرم ڌرتيءَ ۾ لوڪشاهيت جو ٻوٽو پوکيو ئي نہ ويو هو: رڳو نيپولين جي ميڪسيڪو ۾ ڪِل جهڙي بادشاهتِ جوڙڻ ڪانسواءِ اُتي سرڪار هٿي ئي ڪونہ اهو وڏو ڪنڊ ئي هو جتي جا ماڻهو جذباتي ۽ تيز ۽ تِکا هئا. جن ۾ ڏيهي بادشاهت يا لوڪشاهيت جون روايتون ئي نہ هيون. لاطيني آمريڪا اهڙن جابر آمرن جو ڪنڊُ بڻجي ويو جن قانون جي اهميت کي گهٽائي ڇڏيو. جن اسپين ۽ پورچوگال جي ٻاهرين بيٺڪيت بدران پنهنجي قسم جو اندروني بيٺڪي راڄ جوڙيو. لوڪشاهي روايتن نہ هڻ سبب کين ظلم جي راڄ جوڙڻ ۾ سهولت ٿي. هنن مان گهڻا يا سڀيئي آمريڪا جا پِٺوءِ ٻانها هئا. منجهانئن ڪو جيڪڏهن مختلف نظرين جو هو تنهن کي ڌِڪي ٻاهر ڪڍيو ويو يا قتل ڪرايو ويو. اهڙين ذلت وارين حالتن 1958ع ۾ ڪاسترو کي جنم ڏنو. ۽ انهيءَ ورثي فيڊل ڪاسترو جي اهميت کي لاطيني آمريڪا ۾ وڌيڪ سگهارو ڪيو. ننڍڙو ڪيوبا. مهان طاقت سرمايدار آمريڪا جي ڳُڪ ۾ ڪنڊو ۽ اولهہ يورپ جي مهان طاقتور قومن لاءِ پوائنٽو سپنو آهي.

لاطيني آمريڪا وڏين تبديلين لاءِ سوچي پيو جيڪي تبديليون جهيڙي ۽ رتوڇاڻ واريون هونديون. اُها جدوجهد ماڻهن ۽ فوجي جنتا وچ ۾ هوندي. اُهو پڌرو آهي تہ. اُن ۾ عوام جي سوڀ ٿيندي. جيڪڏهن ڪا رُڪاوٽ ٿي تہ اُها هلچل کي ويتر رتوڇاڻ بڻائيندي ۽ وڌيڪ تکڙو ڪندي ۽ نيٺ بيشڪ ماڻهن جي مڪمل سوڀ ٿيندي.

آفريڪا جي ڏاهپ پريل نبيري مهل عقلمند سُلجهاءُ لاءِ. لاطيني آمريڪا خاطر پڻ ساڳيءَ روشن حڪمت عمليءَ کي ساڳي طريقي سان واپرائي سگهجي ٿو. اهو وقت آهي تہ پاڻ کي مِٽائيندڙ خوديءَ واريءَ هَٺ کان لنوائي، عقلمند سوچ کان ڪم ورتو وڃي. نہ تہ پوءِ شايد گهڻي دير ٿي وڃي. اُهو سُٺو آهي تہ پاناما ڪئنال وارا معاهدا. پلي سندن ڪهڙي بہ قيمت هجي، وقت تي ٿيڻ ڪپن. ٻيءَ صورت ۾ وڏي مُدي لاءِ طريقيڪار جا نتيجا هاڃيڪار ٿيندا. بيشڪ فيڊل ڪاسترو آمريڪا جي حالتن جي

www.bhutto.org

اهو چيو تہ آمريڪا ۽ چين وچ ۾ ڳُٽ ٺهي پيو ۽ هُن کين ريجهائڻ لاءِ چيني اڳواڻن جي شانَ ۾ قصدا پڙهيا. پر رياست جو سيڪريٽري سائرس وانس روسين سان جنگي هٿيار گهٽائڻ واري معاهدي 'سالٽ' تي روس سان هڪ جهڳڙو ڳنڍيير تي بہ اهڙو نتو واڪاڻي. پر آفريڪا ۾ روس جي ڪردار کي موڳائپ ڪوني ٿو.

آئون شايد ايڏو ڄاڻُو نہ هجان. پر مونکي انهن جنگي هٿيارن جو اخلاقي بهاني جي پروڙ پئجي نہ سگهي آهي. آمريڪا جا زمين تان هڪدم ۽ ڦُڙت مارينڊڙ ميزائيل تڏهن جوکي ۾ اچي ويا آهن. جڏهن روس ترقي ڪري اهڙا تُز ميزائيل ناهيا آهن. ۽ اُهي ان قابل بڻجي ويا آهن. جو ميزائيل رفتار وڌڻ کان اڳ ئي روسي ميزائيل کين اڳ ۾ ئي تباهہ ڪري ڇڏيندا. تنهنڪري آمريڪا اُن عمل ۾ رُڌل آهي تہ انهن ميزائيل جي طاقت کي بدلايو وڃي. يا کين وڌيڪ طاقتور ڪيو وڃي. 'SALT' معاهدي تي تنقيد ڪندڙ سوچين ٿا تہ، ڪروز ميزائيل، هٿ سان ڇُرپر ۾ آڻيندڙ ايم ايڪس ميزائيل ۽ ٽرائيڊنٽ نمبر 11، سب ميرين ميزائيل ۽ بي 52 جهازن جي پوئواري ڪندڙ بمبار جهاز ناهڻ، اُن معاهدي پٽاندر ٽن ورهين ۾ اهو سڀ ڪجهہ منع آهي، بلڪ بي 7 بمبار تہ بلڪل ناس ڪجي. اُن جي معنيٰ اها ٿي تہ اُن معاهدي کي ٻيهر ٽن ورهين تائين اخلاقي طور وڌايو وڃي. پر اها ڳالهہ روس جي ڇُوٽ تي وڌيڪ ٻڌل آهي.

جنگي حڪمت عمليءَ وارن هٿيارن جو کهڙو بہ مقصد هجي، پر اهو مسئلو نبيرڻ جوڳو آهي، تہ سوويت يونين وڌيڪ ڇُوٽ ڏيندو يا وري آمريڪا ٻئي معاهدي ۾ وڌيڪ ڇُوٽ ڏيندو. ۽ هو آفريڪا تي پنهنجون مڙهيل پاليسين تان هٿُ ڪڻندو. ساڳيءَ وقت روس ۽ چين بہ هڪ ٻئي سان ڳالهين ۾ رُڌل آهن. جيڪي ڪڏهن تيز آهن. تہ وري ڪڏهن ڍريون. جاپان ۽ اولهہ جرمني اُن پريائيندڙ حالت ۾ بيزار ٿي پيا آهن. ٻئي هڪٻئي سان سُهمت نہ آهن. جو هڪٻئي جي ڇڙ ۽ ڪاوڙ ماپي سگهن. اِها ڳالهہ امڪان کان ٻاهر بلڪل نہ آهي، تہ اولهہ جرمني ڪنهن بہ حالت ۾ سوويت يونين سان يورپي مسئلن تي ڪشادو ۽ مضبوط ناهہ ڪري اها

www.bhutto.org

ساڳي ڳالهه ايشيا جي صورتحال بابت چين ۽ جاپان بابت بہ چئي سگهجي ٿي. سوويت يونين جي اثر هيٺ غيرجانبداريءَ واري پرڏيهي پاليسي (Finlandization) مُنجهيل ۽ ڇِتڪي ڳالهه آهي، جنهن کي اڄڪلهه طاقتور سياسي لاڙا ڇاڻائڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

آئون وري اها ڳالهه ورجايان ٿو تہ صورتحال ساڳيءَ وَهڪ ۾ نہ آهي. هڪڙي پاسي ڇڪتاڻ وارين حالتن جو خاتمو آهي، تہ ٻئي پاسي گهٽا نوان تضاد اُڀرن پيا. جيڪي علائقي ۽ سموري دنيا ۾ آهن. اُهي ساڳيءَ طرح ڳوڙهي سياسي، فوجي ۽ معاشي اهميت بہ رکن ٿا. ڪجهہ حالتن جو ڇيد ڪندڙ ايئن چون ٿا تہ نئين سرد جنگ شروع ٿي چڪي آهي. ٻيا اڳتي وڌيڪ چون ٿا تہ ٽين مهاڀاري جنگ شروع ٿي چڪي آهي. وڌيڪ رَب ٿو ڄاڻي، پر جيڪو بہ دنيا ۾ ٿئي پيو سو چڱو نہ پيو ٿئي.

تاريخ ۾ ڪالهوڪا نعرا رڳو ماضيءَ جا گيت بڻجي ويندا: توڙي اُهي ٻَڌل يا ڳايل آهن جيئن 'جادوءَ ڀريل شام' يا 'رات ۾ هڪ ڏاريو' جهڙا گيت. جيڪي اڄا بہ جذبن کي ڀڙڪائين ٿا. اُهي گيت مون 1950ع ۾ برڪلي ۾ ۽ 1960ع ڏاري جنيوا ۾ ٻڌا هئا. جيڪي منهنجي رت کي جوشُ ڏياريندا هئا. هاڻي اُهي منهنجي رَت ۾ اُها گرمي نٿا پيدا ڪن.

بنڊيوگ ڪانفرنس ۾ غيرجانبدار ۽ آزاد دنيا جهڙا اصطلاح اڄا بہ جذبن کي جاڳائين ٿا. پر اُن تجلي جي گرمي ختم ٿي چڪي آهي، ڇوتہ واقعن ۽ نتيجن طور حالتون اڄي مٿان پهتيون آهن. نئين بينڪيتي راڄ جي لِڪل هٿ مٿان پنهنجي مدد جي ڏيکاءَ جو ڪوبہ فائدو نہ آهي. جيڪڏهن جديد بينڪيت جو اُگهاڙو هٿ دنيا جي ڪيئي مختلف ڀاڱن ۾ پڌرو ڏسڻ ۾ اچي پيو تہ اُن جو اهو مطلب نہ آهي تہ غيرجانبدار هلچل ختم ٿي چڪي آهي. سرمايدارَ نظام يا هڪ سوچ تي ٻڌل سامياواد جا نظريا جيترو پاڻ ٿڪجي چڪا آهن، سي ان کان وڌيڪ نہ ٿڪيا آهن، ۽ نہ ئي وڌيڪ ٿڪبا: جيستائين سرد جنگ سچ پچ ختم ٿئي، ۽ ديوار برلن کي ڪيرايو وڃي.

www.bhutto.org

اهو ممڪن آهي تہ اُها نراسائيءَ جي انتهائي ڪوشش هجي، تہ ٽين دنيا جي وسيلن تي ڪيئن قبضو ڪجي. شايد ٽين دنيا ۾ پِٺُو يا ڪٺ پُتليءَ سرڪار ذريعي يا فوجي هٿچُراند ڪندي ڪيو وڃي. مونکي ڀروسو آهي تہ نيٺ جديد بنيادن تي نون اصولن پٽاندر سفارتڪاري يا ايلچيگيري ضرر ڪو روپ وٺندي. 1973ع ۾ رمضان واريءَ جنگ ڪان پوءِ اها ڳالهہ پڌري ٿي آهي، جنهن پٽاندر تيل جي قيمتون اوچتو وڌي ويون آهن. اُن اُپار پٽاندر دنياوي معيشت گهوٽالي ۾ ۽ غيرمتوازن رهي آهي. اُتر ۽ ڏکڻ جي ورهاڱي وڌيڪ ويڇا وڌايا آهن، ۽ اُن جو ڪوبہ سُلجهاءُ ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

گڏيل قومن جي امن واريءَ عالمي ڪانفرنس يا گڏيل قومن جي خاص گڏجاڻيءَ ڪان پوءِ ٻون شهر ۾، ايندڙ مهيني مُک سٽن صنعتي طاقتن جي ڪانفرنس رٿيل آهي. برطانوي وزيراعظم ڪيلاهان ڄاڻايو آهي تہ "اهڙين ڪوششن سان اُتر ۽ ڏکڻ وچ ۾ ٺاهہ ڪيو ويندو." پر پُراڻن تجربا سامهون رکندي مونکي شڪ ٿو ٿئي تہ 1978ع جي جولاءِ مهيني واري ٻون ڪانفرنس مان ڪي اهڙا پڪا ۽ قيمتي نتيجا بہ نڪرندا. ڪنهن ٺاهہ تي پهچڻ لاءِ وڏين صنعتي طاقتن طرفان اهو سمجهندي تہ سندن معيشت ايڏي جوکي ۾ آهي، پوءِ بہ منجهن صاف نيت جي کوٽ آهي. تہ اُهي پنهنجي گهر ۾ ويهي خيرات يا سخاوت ڪيئن شروع ڪندا. اصل ۾ اُها ئي ڳالهہ آهي، جنهن کي هُو سمجهي نٿا سگهن. ٽين دُنيا خيرات نٿي گهُري، پر اهو پنهنجو جائز حق ۽ حصو گهُري ٿي.

ٻيءَ مهاڀاري ڀَڏ جي پُڄاڻيءَ مهل سرد جنگ جي ڇتاپيٽي شروع ٿي، جنهن وري هڪ ٻئي وٺ هٿيارن سبب ڇڪتاڻ وارين حالتن جي خاتمي کي جاءِ ڏني. اسان هن گهڙيءَ تي ڏسون پيا تہ ڇڪتاڻ وارين حالتن سبب نراسائي وڌي پئي. مئي مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ آمريڪي صدر جمي ڪارٽر جي تقرير ۽ تازو ائناپولس ۾ هُن جي تقرير مان اهو اشارو مليو تہ عالمي طاقتن جي راند (عالمي طاقت لاءِ جاکوڙ) جُڙتو ۽ غيرحقيقي ڇتاپيٽيءَ ڏانهن منتقل پئي ٿئي. اِهو اسان جي سوچ تي آڌاريل آهي، تہ اسان اُن کي ڪيتري اهميت ڏيون ٿا.

www.bhutto.org

جيڪي فوجن ۽ جنتا وچ ۾ آهن. جنهن ۾ تبديلي نٿي ڪري سگهجي، ۽ ماڻهن کان ڏار ڪري نٿو سگهجي. ڪولونيزيءَ جي فِضا مان اڄا گورن ۽ ڪارن ماڻهن جي عام قتل جي ڏَپ ورلي گهٽي هوندي، جو باهريون فوجون مويوتو جي طرفداريءَ ۾ سهابا جي ٿامي واري صوبي ۾ اڄا تائين انقلابين کي مارين پيون. جڏهن مويوتو پرڏيهي مداخلت کي نِندڻ ٺيڪ سمجهي ٿو ته پوءِ، خرابيون ختم ٿيڻ کپن، ۽ انساني حقن جي پٺڀرائي ڪرڻ گهُرجي، ڇوته هرهڪ اُن کي ٺيڪ سمجهي ٿو ته هن سان ڪهڙا ماڻهو ساڻ آهن. اها ڇوٽي اجائي نه آهي ته: مونکي ٻڌايو ته توهان جا دوست ڪهڙا آهن. پوءِ آئون توهان کي ٻڌائيندس ته تون اصل ڪير آهين. فرض ڪريو ته مسئلا نبيرڻ جو طريقيڪار شرطن تي آڻ ميڇڻ جهڙو نه هجي، ته دنيا جي جوڙجڪ کي پيهر کهڙو روپ ڏجي، جنهن جي پيڙهه انصاف جي اصولن تي هُجي. اهو حقيقت ۾ پڇاڙڪو ۽ بلڪل آخري وجهه آهي، جيڪو اسان جي آڳرين وچ مان اڄا کِسڪيو نه آهي.

آئون هاڻي ننڍي کنڊ ۽ ايشيا ڏانهن ٿو اچان. اُن جي ڪشادي ڍانچي جي گُنجائش يا مقصد ۽ اسان جو سڀ کان وڏو مسئلو آباديءَ جي گهٽي واڌ يا غربت نه آهي، نه ئي ٽيڪنالاجيءَ جي کوٽ ئي ڪو مسئلو آهي. انهن مُنجهيل مسئلن جو جواب ڳولهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اسان پنهجن ماڻهن کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪريون ۽ کين صحيح گسُ ڏيون، ته اسان جا ماڻهو ضرور اڳتي وڌڻ لاءِ گڏ ٿيندا. جيڪڏهن اسان کين ڀرپور شراڪت ڏيون، کين پوري شرڪت جو وجهه ملي، ماڻهن جي ڇڙواڳ قوتن تي سنج وڌا وجن، ۽ کين دولت مان جهجهو ڀاڱو ڏنو وڃي، ۽ مُستقبل ۾ مشروط سهارو ملڻ جو آسرو ٿئي، ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. پر اُهو ضروري آهي ته پُورو واجبي طريقيڪار هجي ۽ لائق نظريا هُجن.

قوم جي مجموعي پيداوار پٽاندر في ماڻهو آمدنيءَ جو ڪاٿو ۽ رفتار عالمي مالياتي فنڊ ۽ اوڊر تي بيٺل آهي. مسئلو ساڳيو آهي، جيڪو اسان وٽ ننڍي پيماني تي، ۽ وري دنيا ۾ وڏي پئماني تي آهي. تاريخي ۽

www.bhutto.org

اجا تائين فرقيوار قومپرستيءَ جو مُک جواب آهي. پر ڪجهه جاين تي اهو 'غير مؤثر' نامڪمل ثابت ٿيو آهي. شايد هتي پڻ مسئلي جو نبيرو لاچار اڳتي نڪري ويو آهي. ڪجهه هنڌن تي نبيرو وقت کان اڳ ۾ ٿيو آهي، ته وري ڪجهه هنڌن تي دير سان آيو آهي. اُهو نبيرو غلط طريقي سان لاڳو ٿيو آهي، يا وري غير ايماندارَ طريقي سان. جنهن سبب وفاق ۾ ڀروسو لُڏي ويو آهي. جڏهن ته اُن کان وڌيڪ اهڙي ڪا به شيءِ نه آهي، جيڪا فرقيوارَ قومپرستيءَ واري جذبن کي جهَڪو ڪرائي، بجاءِ فوجي جنتا اچي زوري حڪمراني ڪري اهو ئي ماحول آهي، جو خراب ۽ نيچ قسم جا ڏيپُ فرقيوار قومپرستيءَ جو حقيقي روپ وٺن ٿا ۽ نِراسائيءَ جو پيمانو ڀرجي وڃي ٿو.

اهڙين حالتن پٺيان فوجي حڪمراني، ايشيائي قومپرستيءَ جو سڀ کان خراب دشمن آهي. اها عوام کي شراڪت جي حق کان محروم ڪري ٿي. اها گهڻي ڀاڱي فرقيوار قوميتن جي خوديءَ کي چِٿي ۽ چيچلائي ٿي. اُها عوام جي نمائندگيءَ وارن حقن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿي. اُهو گهڻو ڪري جڏهن فرقيوار قوميتن کي پري ڌِڪي ٿي، تڏهن ننڍيون قوميتون سوچڻ لڳن ٿيون. ته ساڻن دوکو ٿيو آهي، ۽ کين ڌِڪاريو ويو آهي، ۽ پوءِ سندن آزاديءِ حق خودواراديت. دوکي سان قيد ۾ ڪُوڙا وچن ڪيا وڃن ٿا. ته اُهي سگهارن بنيادن تي وڏيءَ قوم جي ڌارا ۾ شامل ٿين. پر انهن لاڳاپن جو فيصلائتو رُخ سدائين سرڪار جي هٿ ۾ رهي ٿو ۽ سُوراج يا خودمختياريءَ سرڪار جي هٿن ۾ ئي رهي ٿي.

اُن مامري جو مڇڻ جهڙو تڏهن اُپاءَ آهي، جڏهن اُن جو بندوبست انصاف پسنديءَ ۽ سچائيءَ سان ڪيو وڃي ته ايشيائي قومپرستيءَ کي جيڪو جوکو آهي، سو اَلوپ ٿي ويندو يا وري گهٽجي ويندو. هندستان ۾ وڏي پيماني تي قومپرستي سوراج جي ڍانچي تي جيئي پيئي. فوجي سرڪار پاڻ سرڪار کي ساڳئي ڦيري ۾ ايئن ميساري ٿي، جيئن مڪڙ بيٺل فصلن کي هڪڙي ئي چڪر ۾ کايو چٽ ڪريو ڇڏين. ننڍين قوميتن جي خودمختياريءَ هيٺ هڪ هنڌ گڏجڻ بجاءِ، سندن ڪاوڙ

www.bhutto.org

سمجهڻ کان انڪار سبب اُهي عليحدگيءَ لاءِ جنگ جوٽي جدوجهد شروع ڪن ٿيون. تنهنڪري خودمختياريءَ کان نابريءَ وارو عمل قومي يڪجهتي ۽ اتحاد کي سگهارو نٿو ڪري، پر کيس تباهه ڪري ٿو. جاپان جيان هڪڙي قوم تي ٻڌل رياست نرالي ڳالهه آهي. چين پڻ پنهنجين قوميتن جي مامري جو نبيرو پاڻ ڳوليو آهي. جيڪو پارٽيءَ جي نظرين ۽ خودمختياريءَ پٺاندر آهي.

برما جيڪو ڏاڍو نيرالو ۽ شاهوڪار ملڪ هوندو هو لعل ۽ ياقوت ۽ ڪچي مالَ جهجهو هوندو هو هر سال ڪيئي ڪروڙ ٽن چانور پرڏيهه موڪليندو هو سو اڄ اهڙي مونجهاري ۾ ڦاٿل آهي. ۽ پريشانيون کيس چوڌاري ويڙهي ويون آهن. صدر ني ون آزاديءَ جو سپاهي ۽ ڏاڍو ذهين آهي، پر هُن برما جي جنتا کي گهٽي وقت تائين دٻائي رکيو جنهن سبب ڪو سُٺو نتيجو نه نڪتو. آئون اهو گهٽي پڇتاءُ سان چوان پيو ڇوته ني ون منهنجو ذاتي دوست رهيو آهي. هن پنهنجي دوستيءَ جي پڌرائي 1967ع ۾ ڪئي، "جڏهن ايوب خان جو ٽولو منهنجي ڳڏ ڪاهي پيو هو." آئون باهرين چنڊچاڻ ٿو ڪريان ته. ڪيئن فوجي ٽولو ملڪ کي تباهه ٿو ڪري انڊونيشيا ۾ سوئيڪارنو مسئلن کي ڏاهپ سان ڪنيو هو جنهن ۾ سياسي سيلاب هئي، ۽ سياسي سوڀون هيون، پر پوءِ به انڊونيشيا ۾ مسئلو اڃا موجود آهي.

صدر سوئيڪارنو انڊونيشيا جو پايو وجهندڙ پيءُ هو. هُن انيڪ ٻيٽن کي سهيڙي، کين انڊونيشيائي قوم جو روپ ڏنو. هُن پنهنجن ماڻهن کي عام ٻولي ۽ لپي ڏني. هُن عورتن کي آزادي ڏني. هُن اريان کي مخالفن جي چُمين ۽ ناٽو ملڪن ۽ آسٽريليا مان آزاد ڪرايو. هي بيجنگ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو هو. هن انڊونيشيائي ماڻهن کي مانُ ۽ مهانتا ڏني. ۽ انڊونيشيا کي اهميت ڏياري ته هو ايشيا جي مُک قوم ٿئي. سوئيڪارنو ساميا واد نه هو پر هُن سوويت يونين ۽ چين سان انڊونيشيا جا دوستاڻا ناتا

www.bhutto.org

صدر هو. سوئيڪارنو جي صدارت ۾ فوجي قوت، اولهه ارين جي آزاديءَ ۽ ملائيشيا جي مخالفت مهل سندس مُلڪ ۽ پاڪستان جي ڀُنيرائي لاءِ اپندي هئي. جڏهن 1965ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ جنگ لڳي، تڏهن سوهارتو جنتا جي سرڪار ۾ انڊونيشيا جي فوجي طاقت عوام خلاف ٿي پيئي هئي: انڊونيشيائي نوجوانن، ملڪي صحافين ۽ دانشورن خلاف به. جنرل هارتونو ڊارسونو سچائين ۾ ويساهه رکندڙ جنرل ۽ ناميارو سياستدان هو. تنهن هڪ مهيني ۾ انڊونيشيا ۾ تيل وڳوڙن جي سببن بابت ڳالهايو. هن چيو ته "مُک سبب آهن. اڳواڻن جي معاشي پاليسيءَ ڏانهن بي اطمينانيءَ، جيڪا پڻ قومي مجموعي پيداوار سان جُڙيل آهي، ۽ اُن ۾ اهو نه سوچيو ويو آهي ته ناڻي جي ورڇ هڪجهڙائپ سان ٿئي. اُتي اچا خرابي ۽ رشوت آهي ۽ جمهوريت جي کوٽ آهي. جنهن طرح تازو فوجن ورتاءُ ڏيکاريو آهي، تنهن بابت آئون ڏاڍي اُلڪڻ ۾ آهيان. فوجن جو هٿين خالي شاگردن مٿان تيل تازو حملو پڌري پٽ سختيءَ واري پاليسيءَ جو نتيجو آهي. فوج چوي ٿي ته اُهي عوام مان ۽ عوام لاءِ آهن. پر سندن اُهو عمل فوج کي عوام کان پري ڪندو ۽ منجهن فوج خلاف ڌڪار ٿيندو."

سماجواد سوئيڪارنو جي زوال ۽ سوهارتو جي سرڪار جوڙ واڳون وٺڻ سان، جيڪو آزاد خيال ۽ پرڏيهي سيڙپ جي حق ۾ هو ۽ سندس ويچار ۾ پرڏيهي ناڻو انڊونيشيا ۾ پلٽي پوندو. پر سوهارتو جي ٻارهن ورهين جي سرڪار کان پوءِ صورتحال هي آهي، ته پرڏيهي سيڙپڪار انڊونيشيا بجاءِ اُن کان ٻاهر نظرون رکيو ويٺا آهن. اها شڪايت هڪ پرڏيهي بينڪار جڪارتا ۾ ڪئي. هن چيو: "انڊونيشيا ۾ ڪو به تحفظ نه آهي. آئون پرڏيهي سيڙپ بابت گهڻو مايوس آهيان، ۽ ٻاهرُ ملڪ بابت به."

سوئيڪارنو جي وقت ۾ جيڪو به هو تنهن کان وڌيڪ هاڻي رشوت ۽ خرابي، بيروزگاري آهي، ماڻهن ۾ ڪاوڙ آهي، ۽ ناڻي جي ڦهلاءَ تي ضابطي، قومي مجموعي پيداوار کي وڌائڻ جي وڏين ڀٽاڪن هوندي به زراعت ۽ ڪارخانن جي اُپت ۾ واڌ نه ٿي آهي. معيشت وڏيءَ گڙٻڙ ۾ ورتل آهي. شاگردن جو مزاج ڪاوڙيل آهي. دانشور نراس آهن، عوام پنهنجيءَ

www.bhutto.org

فوجَ کي ڌڪارڻ لڳو آهي. اڳي اوڄ تي پهتل فوجي سُجاڻپ گهٽجي پئي. سياسي ۽ معاشي ڪاوڙ ڪنهن بہ گهڙيءَ ۾ هڪدم بغاوت ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. ساميااواد انڊونيشيا ۾ سگهارو ٿي چڪو آهي، جيڪو اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ هو.

مونکي ذاتي طرح سوهارتو لاءِ ناپسنديدگيءَ نہ آهي. اپريل 1966ع ۾ جڏهن آئون صدر سوئيڪارنو جو مهمان هيس، تڏهن مون آدم ملڪ جي چوڻ تي سوئيڪارنو کي مڃائڻ لاءِ واجبي ڪردار نڀايو هو تہ هو انڊونيشيا جي ڀلائيءَ ۾ جنرل سوهارتو سان ڪُلي مخالفت ۾ نہ اچي ۽ ٻيو پيرو رتوڇاڻ کان بچي. صدر سوئيڪارنو منجهند جي دعوت تي مونکي ٻڌايو تہ آئون ئي ڪيس مڃائي ٿي سگهيس، جنهن کان پوءِ هُن پنهنجو ذهن بدلايو. دعوت کان پوءِ آدم ملڪ مونکي ٻڌايو تہ انڊونيشيا جا ماڻهو سدائين منهنجا ٿورائتا رهندا. جو مون سوئيڪارنو کي مڃايو تہ هو پنهنجيءَ سوچ بدلائي، ٻي صورت ۾ گهڻي رتوڇاڻ ٿئي ها.

مون اهو سڀ نيڪ نيتيءَ سان ڪيو هو پر هينئر انڊونيشيا ۾ جيڪا حالت آهي، سا ٺيڪ نہ آهي. فوجي جنتا دنيا جي شاهوڪار ملڪ کي ڪنڌر ٻڌائي ڇڏيو آهي. انڊونيشيا ۽ پاڪستان جي حالتن ۾ بلڪل هڪجهڙائپ آهي. فرق رڳو ايترو آهي تہ پاڪستان دنيا جو پوئتي پيل غريب ملڪ آهي. جيڪڏهن ٻارهن ورهين ۾ دنيا جي شاهوڪار ملڪ مان هڪ کي فوجي جنتا تباهہ ڪري سگهي ٿي، تہ توهان کي اهو سوچڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي نہ ٿيندي تہ غريب ملڪن مان ڪنهن ملڪ سان، فوجي جنتا هڪ سال ۾ ڇا نہ ٿي ڪري سگهي ٿي.

انڊونيشيا ۽ پاڪستان ٻئي ايشيا ۾ ۽ مسلمان ملڪ آهن. ٻنهي ملڪن تي فوجي جنتا حڪمراني ڪئي آهي. ٻنهي ملڪن ۾ فوجي جنتا مشهور اڳواڻن کي سرڪار تان هٽايو آهي. ٻئي مشهور اڳواڻ ظاهري طور چائنا ڏانهن جهڪاءُ رکندڙ سماجواد مشهور هئا. ٻئي عوامي طاقتن ۾ ڀروسو رکندا هئا. ۽ پنهنجن ملڪن جي سُڌاريءَ ۾ ڀروسو رکندا هئا. جنهنڪري مون هتي انڊونيشيا تي گهڻو لکيو آهي، جنهن جو مقصد صدر

www.bhutto.org

سوهارتو کي ڏوهي ڪوٺڻ نہ آهي. سوئيڪارنو جي انهن ورهين جي موت کان پوءِ سوهارتو مجبور ٿي پيو تہ. هو اُن ماڻهوءَ کي سُڃاڻي جنهن هُن جو تختو ڪڍيو، کيس حڪومت مان نيڪالي ڏني هئي. اهو انڊونيشيا جو سورمو هو. "ڇا فوجي جنتا مونکي بہ مارڻ گهُري ٿي، تہ جيئن منهنجي موت کان پوءِ ماڻهو مونکي سُڃاڻن ۽ مهانَ سمجهن."

فرقيوار قومپرستي ملائيشيا ۾ وڏيڪ ڳنڀير آهي، پر ملائيشيا ۾ اهڙا سياسي اُپاءَ ڪنيا پيا وڃن، تہ جيئن مٿن ضابطو آندو وڃي. هاڻي اسان هندستان ڏانهن ايندا سين. هندستان ۾ وفاق انيڪ ڳالهين سبب جُڙيل ۽ ڳنڍيل آهي. هتي اتحاد جو مسئلو ايڪتا پٽاندر 1952ع واري آئين ذريعي وفاق جي فيصلي ۾ موجود آهي. شريمتي اندرا گانڌي 1975ع ۾ ڪُجهہ وقت لاءِ هنگامي حالتون لاڳون ڪيون هيون، نہ تہ هندستان جمهوري سرڪار پٽاندر هلندو رهيو آهي، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ ماڻهن جي ڀائيواري رهي آهي. اڪثر صوبائي خودمختياريءَ کي مڃيو وڃي ٿو.

فوجَ اڄ ڏينهن تائين پاڻُ کي هندستان جي سياست ۾ ڪونہ ٽُنبيو آهي. هندستان جا سياستدان اُن حساس مسئلي بابت گهڻو ڏاها آهن. هندستان جي هيٺين طبقي وارو عوام خاص ڪري هندو علائقائي قومپرستيءَ لاءِ عزت رکي ٿو. گانڌي اهو سمجهيو هو تہ جيڪڏهن مسلمانن کي هندستان مان تڙيو وڃي تہ اسلام ٻين ملڪن ۾ موجود رهندو پر جيڪر هندو هندستان مان ختم ٿي ويا تہ پوءِ هندومت ناس ٿي ويندو. هندستان جي اتحاد جو ڄياپو هندومت ۽ خودمختياريءَ سان لاڳاپيل آهي. هندن جو اهو مذهبي فرض آهي تہ اُهي هندستان کي متحد رکن. هندومت جو وشش آهي: قرباني ڌرتيءَ ماتا جي پوتر جذبن مان ڦُٽي نڪري ٿي. هي هندومت جو نظريو آهي، جنهن ۾ قربانيءَ کي اُتم ۽ پوتر سمجهيو وڃي ٿو.

هندستان جو اتحاد ڪيئي وڏن ۽ ننڍن صوبن جي وجود تي آڌاريل آهي. هڪڙو صوبو ٻئي صوبي تي پنهنجو پاڇو نٿو وجهي، ۽ نہ ئي فوج،

www.bhutto.org

ميڙاڪو شامل آهي. هندستان ۾ پانت پانت جا رنگ هڪ عجيب اسرار ۾ ٻڌل آهن. هنن جا انيڪ ديوتا هڪ مندر جي ڇت هيٺان رهي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن مندر گهڻو ننڍو هجي ته. هندستان جي هڪ آڪاش هيٺان هي پاڻ ۾ ٽڪرائجي پيا ته. اُهي هندستان کي پاءُ پاءُ جني رَت جي راند ۾ بوڙي ڇڏيندا. جنهن جو جواهر لال نهروءَ کي سدائين ڏپ رهندو هو ڇو ته اهو هندستان جو آدرش هو. تنهنڪري هندستان جي اڳواڻن کي جديد ذريعا مليل آهن ته. اُهي انهيءَ آدرش کي بدلائين. پر جنهن آدرش جون پاڙون پاتال ۾ کُتل هجن. ۽ اشوڪ جي وقت کان هڪ ڦُلڪاريءَ جيان ڏسڻ ۾ اچي. تنهن ۾ اجا ايتري لچڪ آهي. جو جديد وسيلن جي کُلي مخالفت ڪري سگهي. ڇا پاڪستان اُن عمل کي تيز ڪندو جنهن ۾ مذهب ۽ نسلن جو مُرڪب آهي؟

هيءُ پاڪستان بابت خط نه آهي. جو جيڪر ايئن هجي ها ته. پوءِ آئون شايد ننڍو ڪتاب لکان ها. پاڪستاني تاريخ تي مٿاڇري نهار' پر وقت اُن ڳالهه جي موڪل نٿو ڏئي. قوم خراب. ٻچڙي ۽ نازڪ گهڙيءَ ۾ ڦاٿل آهي. ۽ ٻه_ واٽي تي بيٺل آهي. هن جي هڪڙي پاسي جياپو آهي. ته وري ٻئي پاسي ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيڻ. پاڪستان جي ٺهڻ کان هڪٻئي پُٺيان ايندڙ ڏکين وقتن ۾ تيزيءَ سان واڌ پئي اچي. هي ملڪ ناهڻ لاءِ لکين ماڻهن جانيون نڇاور ڪيون. ڇيو وڃي ٿو ته. پاڪستان علاما اقبال جو سپنو هو جنهن کي محمد علي جناح ساڀيانُ ڏنو. ڇا اُن سپني ۾ ڪا وِڏ هئي. يا منجهس ڪا کوٽ هئي. جنهن اُن سپني کي سچائيءَ جو رُوپ ڏنو؟ ماڻهن جا ويچار مختلف آهن. ۽ اُهي مختلف رهندا به. ايندڙ ڪجهه ورهيه شايد اُن مسئلي بابت ڪو فيصلو ڪن. شايد هڪ پيرو ۽ سدائين لاءِ. پر اُهو سڀُ رتوڇاڻ کانسواءِ ممڪن نه آهي. اهو طريقيڪار اٽتر نه آهي. پر هينئر سرڪار ۾ ويٺل فوج جون حِڪمت عمليون هن مُلڪ کي اهڙي افسوسناڪ رستي ڏانهن وٺي پيون وڃن. جيڪو اَوس تيڻو آهي.

عوامي جمهوريه چين جي نائب وزيراعظم ڊينگ زيائو پنگ 9 جون

www.bhutto.org

1978ع تي ٻڌايو تہ انسانيت تين مهاڀاريءُ جنگ جي ڪنڌيءَ تي اچي بيٺي آهي. جيڪڏهن اُها ڊيڄاريندڙ آهوتي اچي ٿي تہ پاڪستان جو مُستقبل بہ باقيءُ دُنيا جيان تيندو

محمد علي جناح کي ڪنهن وقت هندو_ مُسلمان اتحاد جو سفير سمجهيو ويندو هو. پوءِ سياست ۽ معيشت تي غلبو رکندڙ ڄڻائي هندو قوميت جا آثار ڏسي، محمد علي جناح، اقبال جي سپني جي تعبير لاءِ غيررواجي عزم سان پنهنجي سوچ بدلائي. پاڪستان ٺاهڻ لاءِ رُڪاوٽون ڪنهن اَپار جبل جي چوٽين جيان هيون. اُهي رُڪاوٽون هندستان جي ڪانگريس ۽ قومپرست مسلمانن طرفان هيون، جن ۾ مولانا مودودي ۽ جماعت اسلامي بہ هئي. مهاتما گانڌيءَ اهو اعلان ڪيو تہ هُو هندستان جا ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيڻ ڪڏهن بہ نہ مڃيندو.

مسلمان گهڻائيءُ وارن صوبن مان جيڪي رُڪاوٽون سامهون آيون، تن ۾ صوبي ۾ ڪانگريس جي مستقل مفادن جو اڳواڻ ۽ پنجاب جو وڏو وزير خضر حيات ٽوانا. بنگال مان اُها رُڪاوٽ اڏول سياستدان فضل حق کان ٿي، جنهن کي شير بنگال سڏيو ويجي ٿو. الميو اهو آهي تہ اسان جي سياست ڪيترائي شينهن ٺاهيا آهن، پر جڏهن پرک جي مهل آئي آهي تہ اُهي ٻليون ۽ گدڙ بڻجي ويا آهن. سنڌ ۾ مخالفت الله بخش سومري طرفان ٿي، جنهن کي 1943ع ۾ قتل ڪيو ويو ۽ سائين جي. ايم. سيد اُن جو پاسو ڪنيو. سرحد صوبي ۾ اُن مخالفت جي اڳواڻي عبدالغفار خان ڪئي، جنهن کي سرحدي گانڌي سڏيو ويجي ٿو. ايتري قدر مُستقبل ۾ سرحد صوبي کي ڪنهن سان ڳنڍڻ لاءِ فيصلي خاطر ريفرينڊم ڪرايو ويو. بلوچستان جا ڪيترائي اثرائتا اڳواڻ پاڪستان جي حق ۾ نہ هئا، جنهن لاءِ شاهي جرڳو ويهاريو ويو تہ اُن مسئلي جو فيصلو ڪيو وڃي، جنهن کي گهڻي ڳنڀيرتا سان ويچارڻ ۽ ڪم جي گهُرج هئي. جموں ۽ ڪشمير جي رياست ۾ شيخ محمد عبدالله بہ قومي نظريي خلاف هو. پوءِ پاڪستان ڪيئن نهيو؟ چوتہ اُهو عوام چاهيو ٿي تہ پاڪستان ٺهي. مسلمان محمد علي جناح تي ڀروسو ڪري سندس پُٺيان لڳا، ۽ پنهنجن

www.bhutto.org

رڪندڙ ٽولي جي مفادن کي جوکو آهي. 1955ع ۾ ون يونٽ ٺاهيو ويو ۽ جيڪا وچٿري خودمختياري اولهه پاڪستان جي روپ ۾ موجود هئي، تنهن کي به مِٽايو ويو. ون يونٽ ۽ برابريءَ جي بنياد جي ٿنڀن تي بيءُ آئين ٺاهيندڙ اسيمبليءَ پاران 1956ع جي آئين لاڳو ڪيو ويو جيڪو پهرين آئين ٺاهيندڙ اسيمبليءَ جيان هڪ قسم جي ون يونٽ ۽ برابريءَ جو هڪ ٿي وقت نفاذ هو. سادن لفظن ۾ مقصد هو ته به رياستون، پر هڪ جو ٻئي مٿان غلبو. ۽ وري غالب پوڻ لاءِ جيڪو هٿيار بنهي اولهه ۽ اوڀر پاڪستان لاءِ هو سو ساڳيو رجعت پسند مفاد رڪندڙ ٽولو. 1958ع ۾ چونڊن ٿيڻ کان پنج مهينا اڳ فوجي حڪومت طرفان جنرل ايوب خان 1956ع وارو آئين ٽوڙي ڇڏيو ۽ مارشل لا تحت خودمختياري کي پاسيرو ڪيو ويو. ۽ اُها تن ورهين تائين ايئن رهي.

ايوب خان 1962ع ۾ پنهنجو آئين ڏنو جيڪو بنيادي جمهوري نموني جو هو جيڪو اَڻ سڌيءَ طرح چونڊن واري اداري تي ٻڌل هو ۽ حقيقت ۾ اُهو اولهه ۽ اوڀر پاڪستان جي صوبن لاءِ انتظامي طور ڪجهه مؤثر هو پر سياسي خودمختياريءَ پٽاندر نه. سياسي خودمختياريءَ جي متبادل نه هئڻ سبب خودمختياريءَ جو مسئلو ويتر وڌندو رهيو ۽ ساڳيو رجعت پسندن مستقل مفاد رڪندڙن جو ٽولو ملڪ تي حڪمراني ڪندو هو. 1969ع ۾ ايوب خان عوامي بغاوت ذريعي حڪومت کان ڌار ٿيو. هُن پنهنجي 1962ع واري آئين پٽاندر سرڪار قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر کي سونپڻ بجاءِ فوجي ڀُنيرائي ڪندڙ اهلڪار يحييٰ خان کي سونپي. جنهن وري مارشل لا لڳايو ۽ رياست جي مهان قوت تي قبضو ڪيو.

عوامي جوش کي سُجهائيندي، جنرل يحييٰ خان واعدو ڪيو ته هو بالغ آڌار 'هڪ ماڻهو هڪ ووٽ' چونڊون ڪرائيندو. هن ون يونٽ ٽوڙي صوبائي خودمختياري بحال ڪئي. يحييٰ خان واقعن کي اهڙي شيطاني ڍنگ سان هلايو جو اهڙو تاثر ڏيئي سگهجي، ته هُن عوام جا دل گھُريا مطالبا مڃيا آهن. پر حقيقت ۾ هُن رڳو ڪرسيءَ تي رهڻ پسند پئي ڪيو ۽ خاص مفاد رڪندڙ ٽولي جي مفادن جو بچاءُ پئي ڪيو. پر پوءِ حالتون هُن جي هٿ مان نڪري ويون.

www.bhutto.org

هر ڪائينڊرڙ پنيلائينڊرڙ منصوبا ناهي موڪليا ويا. تہ اُهي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿين يا وري اُن سان سهڪار ڪن. اهڙي قسم جي آچ سرحد جي آزاد اميدوارن طرفان لڳاتار ايندي رهي. اوائل ۾ آئون ڏڪار سان انهن آڇن ۽ وينتين کي ڏڪاريندو هيس. تنهنڪري مون پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ کي ٻڌايو تہ "اُهي آزاد اميدوار ترڪڻا ماڻهو آهن. ۽ اُهي اپرنڊڙ سچ جا پوڄاري آهن. نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام نيٺ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪري يڪراءِ تي هڪ آئين ٺاهڻ لاءِ تيار ٿينديون. جيڪڏهن سهڪار نہ ڪنديون. تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اُن کي مڃينديون ضرور. مونکي ڪيترائي ڏيهي ۽ پرڏيهي مسئلا آهن. جن کي سُلجهائڻ لاءِ ۽ سرحد ۽ بلوچستان جي آزاد اميدوارن جي طاقتور پٺڀرائيءَ سان، ڪمزور حڪومتن کي هلائڻ لاءِ پنهجن توانائين کي موڙڻو پوندو." انهن سببن خاطر منهنجو مقصد هو تہ نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي مدد ڪجي، تہ جيئن اُهي سرحد ۽ بلوچستان ۾ حڪومت ٺاهي سگهن. هڪ ڀيرو جيڪڏهن نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام احتجاجي سياست بجاءِ ذميوارين جي دائري ۾ اچي ويون، تہ اُن سان منهنجي مٿي جو سُور گهٽجي ويندو. مون انوکو ۽ غيرواجبي اُپاءُ ورتو ۽ سرحد ۽ بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ جا گورنر رکيا، تہ جيئن نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي لڏندڙ ٻڌي کي سگهارو ڪري سگهجي، ۽ آزاد اميدوارن جي پارليامينٽري سازشن جي شهہ کي مات ڏيئي سگهجي.

نيشنل عوامي پارٽيءَ لاءِ اهڙي جرئتمند نيڪ نيتيءَ تي ٻڌل اشاري لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي سبب هئا. منهنجي پارٽيءَ ۾ سياستدان يا ٻين پارٽين ۾ خاص ڪري قيوم خان جي مسلم ليگ منهنجي اُن رمز سبب هيسجي ويا. انهن سمجهيو تہ هاڻي پڄاڻي ويجهي آهي. نہ رڳو سياستدان پر اسان جي سماج جا ٻيا بہ اثر ۽ اختيار رکندڙ ۽ طاقتور طبقا پريشان ٿي ويا. نيشنل عوامي پارٽيءَ جو پاڪستان لاءِ ڏکي مخالفت جو آڻ مِٽ ريڪارڊ

www.bhutto.org

سهائتا لاءِ تيار هئا. مون وٽ مرڪز ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت هئي. سنڌ ۽ پنجاب ۾ پيپلز پارٽيءَ جون حڪومت هيون. مون خواهش موجب مون ٻن صوبائي حڪومتن جو تختو ڪيدي، سندن جاءِ تي غير ذميوار آزاد اميدوارن ۽ پيپلز پارٽيءَ جا ميمبر ويهارڻ بجاءِ، نئين آئين پٽاندر جمهوريت ۾ ترتيبوار واڌاري لاءِ مُستقل سگهارپ ۽ استحڪام ڏيڻ پئي چاهيو. اُن جو مقصد اهو نہ هو تہ، متاهان نظريا وڏيڪ اهم هئا، پر انهن بنيادن تي سوڀ جي معنيٰ هئي، مڪمل سوڀ. آئون اهڙو ڄٽ نہ هوس، جو اهڙو مهان مقصد جوکي ۾ وجهي، رڳو بلوچستان ۽ سرحد ۾ پيپلز پارٽيءَ جون حڪومتون ناهڻ خاطر، هرهڪ شيءِ اڻ ليائيندڙ ۽ اڻ پروسي مقصدن کي سونپيان ها.

منهنجو مقصد جامع هو تہ تضاد نہ اُپري. ڪيئي عنصر چاهين پيا تہ آئون رتوچاڻ واريءَ واٽ وٺان، پر مون هر ڏچي مهل اهڙي عمل کان پاسو ڪيو. ايتريقدر منهنجي هڪڙي دوست، جنهن جو اُن چٽاپيٽيءَ ۾ ڪوبہ ڳجهو مقصد نہ هو تنهن چيو تہ چا آئون ويڙهہ ۽ چٽاپيٽيءَ جو جوش وڃائي چُڪو آهيان. مون هُن کي چٽاپيٽيءَ جون وسيع معنائون ٻڌايون ۽ ويساهہ ڏياريو تہ، جيڪڏهن قومي اتحاد لاءِ اهو اٽر تي پيو تہ، پوءِ آئون نہ رڳو پنهنجن اصولن تي اَٽل بيهندس، پر قومي اتحاد لاءِ بہ سگهہ ٻڻجندس. مون ويچاريو هو ۽ آئون اُن نتيجي تي پهتس، تہ هرهڪ انسان کي اهڙي جاکوڙ جي گهُرج آهي، جنهن سان اهڙو طريقيڪار ٻڌائجي، جنهن سان پنهنجا جهيڙا نبيري سگهجن.

جمعيت علماءِ اسلام ايڏو وڏو عنصر نہ هو جنهن جي پارٽيءَ جو اڳواڻ مُفتي محمود وچين درجي جو ماٺهو هو جيڪو اسان جي پُٺتي پيل سماج ۾ ئي وڏو وزير ٿي پئي سگهيو. نيشنل عوامي پارٽي وري مُختلف مچين جو ميڙ هو ۽ سندن پيڙهہ ڪجهہ ويڙهاڪ علائقن جي پُنيرائيءَ تائين محدود هئي. نيشنل عوامي پارٽيءَ کي سرحد جي ڏاکڻي ضلعن ۾ ڪا اهم چڱي پُنيرائي نہ هئي. پشاور ضلع جي مردان ۽ صوابي علائقن ۾ انهن جو مضبوط مرڪز هو اُن مالاڪنڊ ۾ بہ پنهنجي جاءِ ناهي هئي.

بلوچستان ۾ قبائلي جوڙجڪ سبب نيشنل عوامي پارٽي اُنهن علائقن ۾ طاقتور هئي، جتي قبائلي سردارن جو اثر هو: اُهو خاص ڪري مري- بُگٽي علائقو هو ۽ مينگلن جو جهالاوان وارو علائقو هو ۽ ساراوان جي ڪجهه علائقن ۾ پڻ نيشنل عوامي پارٽي جي سُٺي پوئواري هئي. لسبيلي، سبيءَ، ڪڇيءَ وغيره ۾ ۽ پختون علائقن ۾ انهن جو نہ هئڻ جيترو اثر هو.

ڪوئيٽا ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ پڻ اثر ۽ اختيار کان وانجهيل هئي، ڇوتہ اُهو اثر ۽ اختيارَ ٻاهرين رهندڙن سبب گهٽجي ويو هو. هزارا ۽ ٻين قبيلن جي مختلف فرقن جي پارلياماني جمهوريت جيۡ جوڙ ۾ نيشنل عوامي پارٽي جي ڪا خاص اهميت نہ هئي. مسئلو هونئن بہ گهڻ طرفو هو. نيشنل عوامي پارٽي جا اڳواڻ ڏاها ۽ اربيل هئا. خاص ڪري بلوچ. منهنجي ايماندار ۽ آزاد نظرئي موجب نيشنل عوامي پارٽيءَ جو صدر پختون جوانمرد. مٿئين درجي جو گهڻا ووٽ کڻندڙ سياستدان آهي. بيشڪ هي ڏاهو آهي، پر بيمارپٽي جي حد تائين پنهنجن ويچارن وارو آهي. هُن جي پنهنجي سياءَ سبب يا سندس پنهنجي ذاتي ويچارن سبب هُن ۾ اهڙو لاڙو هو جو هو هڪڙي جهٽڪي ۾ اُڏامڻ لڳي ۽ نقصان ڪرڻ لڳي، ۽ وڏيون غلطيون ڪرڻ لڳي. موتمار قسم جو غلط اندازو لڳائي، هي هلڪڙائپ بہ ڪري سگهي ٿو. اڪبر بگٽيءَ ڪانسواءِ ٻيا بلوچي اڳواڻ گهٽ اڇرج ۾ وجهندڙ آهن. پر گهڻا جوشيلا آهن. نيشنل عوامي پارٽيءَ جي مشهوري جو بنياد سندس اڳواڻن جي قابليت تي يا وري سندس اهميت اُن نظريي ۾ آهي، جنهن ۾ فرقيوار قومپرستيءَ ڏانهن مقناطيسي ڇڪ هئي. خاص ڪري نؤجوان نسل لاءِ. اهو نظرياتي تت هو جنهن سان نيٺ مونکي تضاد ۾ اڇلو پيو. مون چاتو ٿي تہ اُن جو قومي اتحاد. پاڻ جمهوريت ۽ اسان جي سياست تي اثر پوندو. انهن سببن خاطر مون نيشنل عوامي پارٽيءَ کي تاريخي ناٽڪ لاءِ ريجهايو پئي. مون اهو پئي ڪرڻ چاهيو. جيڪو الدومورو اٽليءَ لاءِ ڪرڻ پئي گهُريو. مون انهن کي پاڪستان جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌڻ پئي چاهيو.

پر نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن بہ مون جيان پنهنجا اندازا

www.bhutto.org

سوچيا ويچاريا هئا: انهن پاڪستان جو اينريڪو بيلينيئرز ٿيڻ نہ پئي چاهيو. ڍاڪا جي زوال ۽ افغانستان ۾ سردار محمد دائود جي حڪومت ۾ اچڻ سان اهڙيون حالتون پڌريون ٿيون، جو نيشنل عوامي پارٽيءَ جا اڳواڻ اهو سمجهڻ لڳا تہ هاڻي سندن آخري وقت اچي ويو آهي. واقعا تيزيءَ سان مٿي چڙهڻ لڳا ۽ نيٺ آئون سندن شوخي ۽ ويڙهاڪ مقابلي جي موٽ ۾ بلوچستان جي صوبائي حڪومت کي ڊاهڻ تي مجبور ٿيس.

مون آئين ۾ مقرر گُنجائش موجب بلوچستان صوبي ۾ صدارتي راڄ لاڳو ڪيو ۽ اڪبر بُگٽيءَ کي بلوچستان جو گورنر مقرر ڪيو. اڪبر بگٽي منهنجي پارٽيءَ جو ميمبر نہ هو ۽ نہ هو منهنجي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو هو. هاڻي هو جنهن جماعت ۾ آهي، سا جهڙي آهي تهڙي نہ آهي. منهنجو مقصد جيتوڻيڪ بلوچستان تائين محدود هو پر سرحد جي وڏي وزير مُفتي محمود احتجاج ۾ ۽ وڌيڪ دٻاءُ ۾ استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي، تہ متان آئون هُن کي نہ هٽائي ڇڏيان. اونداهن دڙڪن داب وارن ڪڪرن جي ڇٽجڻ کان پوءِ بلوچستان ۾ بغاوت جو خاتمو ڏکيو ڪم هو. اُن کي ٽوڙڻ ۾ تي ٽڪائيندڙ ورهيہ لڳا. اُن کان بچڻ ڏکيو هو. مون بغاوت کي پُنجي ڏيڻ لاءِ فوج کي ملوث ڪرڻ تي سوچيو پر فوج جو ڪردار وڌندو ويو نيٺ اُن جا اثر شهري ادارن تائين وڃي پهتا.

بهرحال، آئون جيڪڏهن فوجي ڪارروائيءَ سميت جهجهي مقدار ۾ سياسي ۽ سماجي معيشت جي علاج طور بلوچستان ۾ اُپاءَ نہ وٺان ها، تہ فوجي ڪارروائي سوپاري نہ ٿئي ها. منهنجو مقصد منهنجا بنيادي سُڌارا زرعي کيتر لاءِ هئا. جنهن ۾ سرداري نظام کي ختم ڪرڻو هو. روڊن ۽ عمارتون اَڏڻيون هيون. ڳوٺن کي بجليءَ سان روشن ڪرڻو هو. ٽيوب ويلن ذريعي ٻنين ۾ پاڻي پهچائڻ ۽ منجهن ٽريڪٽرن جي هلڻ جي گونج هئي. ۽ ٻيا گهڻ پاسان فائدا هئا. مون غربت ۾ ڦاٿل بلوچستاني ماڻهن جي سوچن کي هٿيڪو ڪيو. آئون اُن ۾ ڪو وڏائي نٿو ڪريان. يا پنهنجيءَ ذات کي نٿو واکاڻيان. پر آئون اها دعويٰ ٿو ڪريان، تہ مون سُتل بلوچستان

www.bhutto.org

کي هٽن کان جهلي جاڳايو ۽ ڪيس ايترو قابل بڻايو جو اهو ويهين صديءَ ۾ پير پائي سگهي، جيڪو باقي سڄي پاڪستان اڳ ۾ پائي چُڪو آهي.

ٻن موقعن تي مون فوجَ کي گهُربل وقت پوري ٿيڻ بعد بلوچستان مان ٻاهر ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو پر ٻنهي موقعن تي فوجَ جي هاٿوڪي چيف آف آرمي اسٽاف اها وڪالت ڪئي ته پڇاڙڪو پيرو کين مُهلت ڏني وڃي، ته هو بچيل نقصان کي پُنجو ڏئي. اُن سلسلي جي خاتمي بجاءِ هو وڌيڪ اجازت گهُري پيو. جڏهن جنرل ٽِڪا خان چيف آف آرمي اسٽاف هو ته اهڙو ڪوبه مسئلو سامهون نه هو پر هاٿوڪي چيف آف آرمي اسٽاف جيان هو انتظامي ۽ سياسي مشورا نه ڏيندو هو. جنرل ٽِڪا خان پنهنجون ذميواريون فوج تائين محدود رکندو هو ۽ غيرفوجي مسئلن ۾ پنهنجيءَ ٽنگ نه ڦاسائيندو هو. پر جڏهن ڪجهه ماڻهو حيدرآباد ٽربيونل جي چار ۾ ڦاسي پيا، تڏهن هي ماڻهو پريشان ٿي پيو. هي سدائين اها اجازت گهُرندو هو ته هو اِفغانستان جي بغاوت پُنيان پوي. هي شهري ملازمن مٿان تنقيد ڪندو هو خاص ڪري بلوچستان جي آخري چيف سيڪريٽريءَ بابت. مون مارچ 1977ع جي چونڊن کان پوءِ جيئن بلوچستان مان فوجون واپس گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ته صورتحال مونکي اهڙو ٻڌائي ڇڏيو جو آئون هُن جي عجيب کل جهڙي حڪمت عمليءَ کي پوڳيان.

سرحد صوبي ۾ ڏقيڙ ۽ گڙٻڙ هئي، پر ڪٿي به بلوچستان جهڙي حالت نه هئي. هن صوبي ۾ تباهيءَ بمن جي ڌماڪن سان شروع ٿي. اسڪول ۽ بئنڪون خاص نشانو هئا. بدقسمتيءَ سان نوجوان حيات شيرپائو کي ذڪاري طريقي سان پشاور يونيورسٽيءَ ۾ بم ڌماڪي ۾ قتل ڪيو ويو. پر ٺرت مناسب وقت ۾ صورتحال ضابطي ۾ اچي ويئي.

هوڏانهن افغانستان ۾ صدر دائود باز جيان اسان جي بدلجندڙ حالتن تي اک رکيو ويٺو هو. هُن ڄاتو پئي ته مون سرحد ۽ بلوچستان ۾ حالتن کي اثرائتي نموني مؤثر طريقي سان ضابطي ۾ آندو آهي. جڏهن هُن واقعي ايئن ڀانئيو ته هاڻي حالتن تي منهنجو پُورو ضابطو آهي، ته هُن قائل ٿيڻ

www.bhutto.org

بعد مونکي ڪابل اچڻ جي دعوت ڏني، تہ پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ کي نبيريو وڃي، ڇوتہ هُو بين طريقن بابت سوچي ٽڪجي پيو هو. هُن کي پتو هو تہ مون نہ رڳو حالتن تي ضابطو آندو هو پر پرڏيهي هٿچُراند کي بہ حقيقي ۽ امڪاني طرح غير مؤثر بڻائي ڇڏيو هو. مون هُن جي ڳالهين واريءَ دعوت کي پاٽمرادو ايماندار موٽ ڏني. جڏهن مون 1976ع ۾ جُون مهيني جي پهرين هفتي ۾ افغانستان جي ڌرتيءَ تي قدم رکيو تہ افغانستان جي ڪِلمُک ۽ مُرڪندڙ صدر منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو. هي اهو ماڻهو هو جنهن سرڪار ڌهڻ کان پوءِ پهرين تقرير ۾ گُجگوڙ ڪندي پاڪستان کي ٽڙيون ڏنيون هيون. ڪابل ۾ ڳالهيون دوستاڻي ماحول ۾ ٿيون. صدر دائود چاهيو پئي تہ آئون نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي ڇڏيان، تہ جيئن سُٺي ماحول وارو وايومنڊل جُڙي، ۽ اُن جا ڪارائتا اثر ٿين. افغانستان تڪراري ڊيورنڊ لائين کي مڃيندو. هن ڇيو تہ اهڙن سببن خاطر جيڪي آئون هن خط ۾ جاڻائڻ نٿو چاهيان، مون افغانستاني صدر کي ٻڌايو تہ پئڪيج معاهدي پٽاندر ٻنهي طرفن کي ساڳئي وقت اڳتي وڌڻو پوندو. مون هُن کي ٻڌايو تہ هڪجهڙائيپ وارن لاڳاپن ۾ توازن تڏهن ٿي ٿو جڏهن ڏي۔ وٺ تي ٻڌل ناهہ ساڳئيءَ وقت تي ٿئي. مون ساٽس وچن ڪيو تہ آئون نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي ڇڏيندس ۽ سندن خلاف ٺُهمتون واپس وٺندس. ساڳئي وقت هو بہ ڊيورنڊ لائين کي مڃي. اسان سُهمت ٿياسين تہ ڳالهيون هلنديون رهنديون. جيڪي پاڪستان ۾ آگسٽ 1976ع ۾ ٿينديون. منهنجي ڪابل ڇڏڻ کان اڳ هڪڙو گڏيل پڌرنامو نڪتو جنهن ۾ ٻڌايو ويو تہ ٻئي مُلڪ پنهنجا سياسي تڪرار پنجن نُقطن تي ٻڌل امن ۽ گڏيل بقا پٽاندر سُلجهائيندا.

جڏهن آگسٽ 1976ع ۾ صدر دائود پاڪستان ايندو تہ اهڙو معاهدو ساڳئيءَ وقت عمل ۾ ايندو. پاڪستاني حڪومت، نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي آزاد ڪندي، ۽ سندن خلاف بغاوت جا الزام واپس وٺندي، ۽ موٽ ۾ افغانستان حڪومت هاٿوڪين سرحدن جي ڊيورنڊ لائين کي مڃيندي، افغانستان ۽ پاڪستان جي وزيرن جي سربراهيءَ ۾ سفارتي

www.bhutto.org

حالتن ڏانهن موٽڻ جيڪي جيئڻ جو تيئڻ هيون. قومپرستيءَ ۽ نيم فرقيوار قومپرستيءَ کي سرچاءِ ۾ رکي هلائڻ لاءِ ضروري هو ته اُن کي قومي اتحاد ۾ رکجي، پر عزت ۽ برابريءَ جي بنياد تي. جيڪو بلوچستان جي قومپرستيءَ وارين اُمنگن سان ٺهڪجندڙ هجي ۽ جيڪو بلوچستان جي بغاوت کي ڪُچلي يا منجهس ڏار وجهي. سادن لفظن ۾ اُن جو مطلب هو ته خودمختياريءَ جي مقدار ۾ واڌارو. ۽ اهو منهنجو ڪم هو ته آئون خودمختياريءَ جي وڌندڙ مقداوجي حد مقرر ڪيان. پر سيني ڏُرين سان يڪراءِ تي، جيئن 1973ع ۾ آئين لاءِ ماڻي ويئي هئي.

اُنهن ڳالهين جو منهنجي مٿان دباءُ هو جيڪي مون آمينن ذريعي بلوچ اڳواڻن سان ڪيون. اُن نازڪ مامري ۾ رُڳو هڪڙي امين کي ڀروسي ۾ ورتو ويو هو. منهنجو اُهو ايمان هو ته اُن جي گُنجائش وڌيڪ هئي ته سينيٽ کي وڌيڪ اختيارَ ڏنا وڃن ۽ اهڙي بہ گُنجائش هئي ته هڪ ٻن مسئلن کي وفاقي فهرست مان ڪڍي صوبائي لسٽ ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. انهن مسئلن جي لسٽ کي گڏوگڏ رکي سگهجي ٿو. اُن مسئلي تي اسان پنهنجا دماغ کُليل رکون. خودمختياريءَ بابت هڪ نئون ناهہ ڪرڻو پوندو جيڪو جمهوري انداز سان ڳالهين ذريعي ٿئي، جنهن ۾ ملڪ جا اصل اڳواڻ شامل هوندا.

مارچ 1977ع جي چونڊن کان پوءِ مون فيصلو ڪيو ته مسئلي جو سُلجهاءُ ڳالهين واريءَ ميز تي ٿئي. مون ڀانئيو ٿي ته منهنجي خلاف ۽ قومي سطح تي بلوچستان ۾ بغاوت ختم ٿي چڪي آهي. سرحد ۾ زورائتا ۽ ورلي ٿيندڙ واقعا نيٺ ختم ٿي ويا. امن جي صورتحال ۾ سُڌارو آيو ۽ منهنجي پرڏيهي پاليسيءَ سبب هر قسم جي جوکائتي پرڏيهي هٿچُراند (جهڙي تازو آفريڪا ۾ ڏسڻ ۾ آئي) ٿي نہ سگهي. لاهور ۾ آگسٽ 1976ع ۾ ٿيل افغانستان- پاڪستان ناهہ انهن مثبت سوين لاءِ واٽ ناهي. هاڻي ميدان سِڌو هو ته دائمي سياسي توازن لاءِ ٻيهر ڪم شروع ڪجي، ته جيئن هڪٻئي سامهون مُهاڏي ۾ پوندڙ صوبن کي پاڪستان جي وفاقي تاجي پيٽي ۾ متحد رکي سگهجي.

www.bhutto.org

مونکي اڃا بلوچ ۽ پختون اڳواڻن کي پرکڻو هو. مونکي سندن عزت پرئي ناهہ جي خيالَ تي ويچارڻو هو. بهرحال، هاڻي سڀنو پُورو ٿي چڪو هو. حقيقت ۾ اسان جيڪڏهن ڪُل اختياريءَ واريءَ صورتحال ۾ نہ، تڏهن بہ لاپائتي صورتحال ۾ ضرور هئاسين. آئون چوان ٿو تہ اها نماڻائي هئي. جڏهن بغاوت اوُج تي هئي تہ آئون هر وقت اُن ڏِپَ ۾ ورتل هوندو هئس، تہ پاڪستان، افغانستان ۽ هندستان جي سوڙهيءَ جي وچ ۾ نہ اچي. پر اهو ايئن نہ ٿيو. اها منھنجي پڏري سوچُ هئي. بغاوت ڪجھہ خاص جاين تي مس هئي. اوير پاڪستان جيان اها عالمي سطح تي مشهور نہ هئي. جڏهن پرڏيهي دروازا بند ٿي ويا، ۽ ميدان صاف ٿيُ ويو تڏهن وقت آيو تہ هاڻي بندوق هيٺ رکي، ڳالهيون ڪجن. مارچ 1977ع وارين چونڊن کان پوءِ احتجاج سبب ڳالهيون شروع ٿي نہ سگهيون. جيئن مون اُن احتجاج جو سُلجهاءُ ڳوليو تہ ملڪ ۾ جولاءِ 1977ع ۾ مارشل لا لڳو.

جولاءِ 1977ع ۾ اتڪل سان زوريءَ حڪومت تي قبضي کان پوءِ جنرل ضياءالحق ڪابل جو دؤرو ڪيو. صدر دائود سان ملڻ کان پوءِ ٽرت ڪابل مان موٽڻ بعد هُن نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي حيدرآباد جيل مان آزاد ڪيو. اُهو وقت ئي مستقبل ۾ ٻڌائيندو تہ اهو عمل ڪنهن شرط بنا ڪيو ويو هو يا ڪجھہ خاطرين سبب ٿيو هو. مارچ 1978ع ۾ صدر دائود پاڪستان جو دؤرو ڪيو. ڏاڍيون سُٺيون تقريرون ٿيون. صدر دائود پنهنجين تقريرن مان هڪ ۾ اُن ڳالھہ جو چِتاءُ ڏنو تہ اڃا سياسي نبيري جو سُلجهاءُ رهيل آهي. پر تڏهن اهڙو ڪوبہ گڏيل سرڪاري اعلان نہ ٿيو جڏهن صدر دائود پاڪستان جو دؤرو ڪيو هو.

جيڪڏهن ٿيهن ورهين جي ڇڪتاڻ ۽ ماٺ کان پوءِ، جيڪا ڪڏهن گهڻو تيز ٿيندي پئي وئي، جون 1976ع ۾ ڪابل ۾ آئون ڪابل سرڪار کان اُهو گڏيل سرڪاري بيان ڪيرائي سگهيس، تہ سياسي ڪاوڙ پُرامن گڏيل رضامنديءَ سان رهڻ جي پنجن اصولن پٽاندر نبيرڻ ڪپن. پر اها منھنجي لاءِ پرولي هئي، تہ پوءِ جنرل ضياءَ گڏيل بيانَ ذريعي

www.bhutto.org

چو اُن واعدي جي پُنيرائي ڪرائي نہ سگهيو نہ ڪابل مان ۽ نہ ئي اسلام آباد مان. جڏهن ٻنهي ۾ وڌيڪ ۽ ضروري ۽ ڳجهو ناهہ تئي ها تہ اُن لاءِ وڌيڪ سبب هئا تہ. ڪابل 1976ع واري گڏيل سرڪاري بيانَ تي زور ڏئي. چوتہ اُن ۾ پاڪستان ۽ افغانستان جي عوامي ڀلائي هئي.

شايد تازو ڳجهو ناهہ ٿيو آهي. جيڪو ڪنهن شيءِ يا ڳالهہ لاءِ ڏيڻ يا وٺڻ پٽاندر ناهہ جي اصول تحت لکت ۾ آندو ويو آهي. جڏهن جنرل ضياءَ ڪابل ويو يا صدر دائود 1978ع ۾ پاڪستان آيو. شايد اها وڏي سوبُ هجي. جو گڏيل بيانَ صدر دائود جي پاڪستان واري دؤري جي هڪ مهيني ڪانپوءِ ڪڍيو ويو.

افغانستان ۾ 27 اپريل 1978ع ۾ انقلابي تبديلي آئي. افغانستان جي اڳواڻن چيو تہ پختون ۽ بلوچ مسئلا وجود رکن ٿا. ۽ اُهي اُن سياسي مسئلي جو نبيرو پُرامن ذريعن پٽاندر چاهين ٿا. گُذريل ٻن مهينن ۾ اُن صورتحال بابت هنن گهڻن موقعن تي چيو آهي. آئون هرويرو تنقيد نٿو ڪري گهُران. پر افغانستان ۾ تبديليءَ جي موٽ جوڪائتي انداز سان ڏني ويئي هئي. ايئن پڌرو پئي ٿيو تہ سرڪاري ٽولي ڪي ڇُوٽ ڏني وئي آهي. وري مٿان گهاون تي لُوڻ ٻُرڪڻ ئي هو تہ. حڪمران ٽولي جو پاڪستان قومي اتحاد سان ڳنجوڙ جنهن افغان انقلاب بابت وڌيڪ هاڃيڪار ۽ واهيات بيانَ ڏنا. پريس تي سخت پابندي سبب افغاني انهن چيڙائيندڙ بيانن ڪي سمجهي نہ سگهيا. تہ انهن جو سرڪار سان ڪوبہ ناتو نہ آهي. پر انهيءَ جي سمجهہ ڪين پوءِ آئي. ۽ پوءِ وري اجايا اعلانَ ڪيا ويا تہ. افغانستان ۾ تبديليءَ بابت پاڪستان قومي اتحاد اڳواڻن سان ڳالهيون ڪيون پيون وڃن.

ساڳيءَ وقت افغانستان جي نئين حڪومت ڪي هڪدم مڃيندڙ هندستانَ وڏي ڀاءُ وارو ڪردار نڀائڻ لڳو. هندستاني پرڌيهي وزير لڳاتار بيانَ ڏيڻ لڳو ۽ پاڪستان ڪي پروسو ڏياريو تہ افغانستان بابت اهڙو پريشان ٿيڻ ۽ ڳڻتيءَ جو ڪوبہ سبب نہ هو. انهن بيانن جو مقصد اهو هو تہ نون افغان اڳواڻن جي شاباس هجي ۽ اُن جو پڪ ڏياري وڃي تہ

افغانستان ۾ آيل تبديليءَ سبب هندستان پريشان هرگز نہ آهي. هندستاني وزيراعظم کي اهڙو ڪوبہ حق نہ هو تہ هو اهڙو شهائتا وارو سياءَ رکي، جيڪو مامرا سُلجهائڻ بجاءِ بگاڙي. اهو هڪ ڏک سان بہ شڪار ڪرڻ جهڙو هو. پاڪستان، افغانستان بابت اهڙي اوندهہ ۾ نہ آهي، جو اهو هندستان جي پڪ يا شاباسن تي ياڙي ويهي. واشنگٽن ۾ افغان پرڏيهي وزير اُن ڳالهہ تي زور ڏيندي چيو تہ پاڪستان سرڪار سندس حڪومت کي ميڄڻ ۾ دير ڪئي آهي. پر گڏيل قومن جو هٿيار گهٽائڻ بابت گڏجاڻي اهڙو وجهہ نہ هو جو پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ نااتفاقين کي هوا ڏجي، ڇوتہ اهو خاص گڏجاڻي رُڳو هٿيار گهٽائڻ بابت هئي.

هڪٻئي جي پريٽ پاڪستاني ۽ افغانستاني نمائندن جا سياسي تڪرارن تي بيان اچڻ لڳا. پاڪستاني نمائندن وري چيو تہ جون 1976ع ۾ افغانستان کان مون جيڪو گڏيل بيان ڏياريو هو، تنهن پٽاندر افغانستان ۽ پاڪستان وچ ۾ ڳالهيون ٿين. جيتوڻيڪ جنرل ضياءالحق ۽ صدر دائود اسلام آباد ۽ ڪابل ۾ هڪٻئي پُنيان ملي چڪا هئا. نيويارڪ ۾ ٿيندڙ خاص گڏجاڻيءَ ۾ پاڪستاني نمائندي کي منهنجي جون 1976ع واري گڏيل بيان تي ئي موٽڻو پيو. هُو ڪوبہ دستاويز يا اهڙو ڪو ناهہ يا گڏيل بيان سامهون آڻي نہ سگهيو جنهن ۾ وڌيڪ اڳڀرائي ٿي هجي. اهڙن ڳالهين سبب، جن جي رڳو هُن کي ئي ڄاڻ هئي، پاڪستاني نمائندن لاهور ۾ 1976ع واري ناهہ جي ڪاغذن کي دٻائي ڇڏيو جن ۾ ڄاڻايل هو تہ سياسي تڪرار ختم ٿي چڪا آهن. اهو ممڪن آهي تہ آگسٽ 1976ع واري ناهہ کي صدر دائود ڪابل ۽ پاڪستان ۾ جنرل ضياءالحق سان ملڻ مهل سفارتي دوکي ذريعي بيڪار بڻائي ڇڏيو هجي. اها پاڪستان لاءِ ڪيڏي نہ اياڳائي هئي، جيڪڏهن اُهو مامرو ورهين جي جاکوڙيندڙ ڪوشش سان نبيريو ويو ها. پر اُن کي وري بيهر کولي پڌرو ڪيو ويو ۽ هاڻي گهڙيال وارو پينڊوليم پاڪستان طرف هو. جيڪو افغانستان طرف ويو ٿيو آهي. پاڪستان ۾ هر بنيادي مسئلي کي اُن مسئلي سميت وري بيهر کوليو ويو آهي.

www.bhutto.org

پاڪستان نہ رڳو پنهنجي لنگرگاهہ جو رستو وڃائي چُڪو آهي، پر اونداهيءَ رات جي حڪمرانيءَ هيٺ آهي. جڏهن تہ افغانستان سياسي باشعور اڳواڻن جي هٿن ۾ آهي. نئين سرڪار اها پاليسي واپرائي آهي تہ عوام سڀ کان اُتم آهن. انهن جون سيپيتائون برابريءَ جهڙيون آهن. نوان افغان اڳواڻ اصلي پختون آهن، پر نسلي ڪٽرپڻي کان آجا آهن. نئين حڪومت پنهنجي پرڏيهي پاليسي آڻ ڌري ڪوني آهي، پر اُن جا پاڙيسري وڏيءَ طاقت سان، پُراعتماد لاڳاپا آهن. جيڪڏهن اُها پاڙيسري وڏيءَ قوت ڪروڙين ڊالرن جو فوجي هٿيار ۽ سامان صوماليا کي ڏيئي سگهي ٿي، ۽ پوءِ ڪيس معاف ڪري ڇڏي ٿي، جيڪو غيرفطري عمل آهي، تہ پوءِ اها طاقت هن علائقي ۾ اچا بہ وڌيڪ دليريءَ جو نماءُ ڪري سگهي ٿي. بيشڪ اُها عالمي قوت افغانستان کي ڪروڙين ڊالرن جي فوجي امداد ڏيڻ نہ ڪيبائيندي، جنهن ۾ سڀ کان جديد 220 قسمن جا ميزائيل آهن، جيڪو پڌرو آهي تہ ڪابل جي بازار ۾ ڏيکارڻ لاءِ نہ رکيا ويندا. افغانستان جي پرڏيهي وزير نيويارڪ ۾ چيو تہ افغانستان کي رُڳو پاڪستان سان سياسي اٽڪٽ آهي. ۽ هُن اهو چِتائيءَ سان ڄاڻايو تہ افغانستان جو ايران سان ڪوبہ قَدِو يا ڏچو نہ آهي.

هن حڪومت هر ڳالهہ کي گهوٽالي ۾ وجهي ڇڏيو آهي، اُن جو افغانستان ۾ تبديليءَ بابت ورتاءُ ڇيڙائيندڙ ۽ پيانڪ آهي. هن حڪومت جو انداز ٿي ڄَتاڻو آهي، ۽ چرپائپ سندن بيو گُڻ آهي. پاڪستان جي هاڃن لاءِ اسان انهن طريقن جي منطق کي ڏٺو آهي، ۽ سندن منطق آهي، غير منطق جو ٺٺُ تاريخي، جاگرافيائي ۽ نسلي مامرن سبب سرحد ۽ بلوچستان پرڏيهي چانوَ هيٺ اچي ويا آهن. برطانيا جون افغانستان سان وڙهيل ٽي جنگيون مُک واقعا آهن. هندستان- پاڪستان نهڻ کان اڳ برطانيا ۽ افغانستان وچ ۾ ڳالهيون ڪنهن مقصد بنا نہ آهن. بلوچستان جو هڪڙو حصو پاڪستان ۾ آهي، تہ وري بيو ايران ۾ آهي. اُن جو هڪڙو ننڍو حصو افغانستان ۽ سوويت يونين ۾ پڻ آهي.

www.bhutto.org

اسلام آباد جي انتظام هيٺ آيل حساس ’غير علائقا‘ منهنجي طرفان سنڌن بابت حڪمت عملي بدلائڻ کان اڳ پراڻين حڪومتن طرفان ’قانون کان آجي ڌرتيءُ‘ جيان هلايا ويندا هئا. پر ڏيهي عنصر ڪٺي ڪيڏو به اهميت جو هجي، پر اُن مسئلي کي ڪجهه وڏيڪ مونجهارو ۽ پيچيدگي ڏني آهي، جنهن سبب گهربل ڏيهي خودمختياريءُ لاءِ گهُر کي گهٽي هاڪ ۽ ڌيان مليو. گڏوگڏ بلوچستان جي جنگي اهميت خاص طور 1973ع واري تيل گهوٽالي کان پوءِ اُن مجموعي صورتحال ۾ خاص عنصر هئي.

ون يونٽ کي پاڪستان لاءِ الاهي رحمت ۽ خودمختياريءُ کي مسلمانن لاءِ آٽوٽندڙ نظريو سمجهندڙ ماڻهن لاءِ رڳو بلوچستان ۽ سرحد مسلمان قوميت جا بگڙيل پُٽ نه هئا. پر سنڌ جي خودمختياريءُ گهُرندڙ پڻ ايترائي زوراڻا هئا. حقيقت ۾ فرقيوار قومپرستيءُ وارو جذبو سنڌ ۾ گهٽ هو. سياسي ۽ فڪري ويچار کان سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد کان گهٽ اڳتي هئي. هتي سياسي اثر ۽ اختيارَ ڪانسواءِ تاريخي ۽ معاشي ويچار حصو وٺن ٿا. سنڌ جو مسئلو جيتوڻيڪ ڪنهن قدر بلوچستان ۽ سرحد کان شديد آهي، تنهن کي ساڳيءَ قسم جي ايڏي مشهوري نه ملي سگهي آهي، ڇوته نسلي ۽ ٻيا لاڳاپيل لاڙا سرحد ۽ بلوچستان جيان پاڙيسري ملڪن تائين وڌي نه سگهيا آهن. فرقيوار قومپرستي اڪثر صوبي جي سنڌي ماڻهن تائين محدود آهي، ۽ صوبي جي غير سنڌي ماڻهن سان لاڳاپو نٿي رکي. غيرسنڌي آبادي گهڻو ڪري ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جي مُک شهرن ۾ رهي ٿي، ايستائين جو ننڍين شهرن ۽ واهڻن ۾ غيرسنڌي تعداد ۾ سنڌين کان وڌي ويا آهن. انهن وڏي پيماني تي معاشي قوت ماڻي آهي. اُهي وڌيڪ مُنظم آهن ۽ سرڪاري توڙي فوجي نوڪرين ۾ سنڌن پير چڱا کُتل آهن. تنهنڪري ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ اهو سمجهيو وڃي ٿو ته، سنڌ جي فرقيوار قومپرستيءُ جو ڇوهه زور سان ڦاٽو ته اُن کي سولائيءُ سان ضابطي ۾ آڻي سگهبو. اُن جي پرڏيهي پُٺڀرائي به نه آهي، ۽ ڏيهي طور به اها محدود آهي. ايئن ڇئجي ته سنڌوديش هلچل کي خاص ڳڻپيرتا سان نٿو

هوس ته اندرا گانڌي ڇاٽي واٽي مونکي گڏجاڻيءَ ۾ دوکو ڏنو هو.

اُهي ويچار رچرڊ نڪسن جي ساروڻين واري ڪتاب جي 525 ۽ 526 صفحن تي لکيل آهن. جيڪڏهن آزاد ويچار رکندڙ اندرا گانڌيءَ رچرڊ نڪسن جهڙي تجربيڪار ۽ مُدبر سياستدان کي دوکو ڏيئي سگهي ٿي، ته هندستان جو ورتاءُ پاڪستان ڏانهن ڪهڙو هو ته پوءِ اسان رُڳو اهو سوچي سگهون ٿا، ته سازيلو پارٽي جنتا پارٽيءَ جا اڳواڻ پاڪستان جي ناتجربيڪار مارشل لا حڪمرانن جي ڳچيءَ ۾ ٽڳي ۽ چاپلوسيءَ سان ڪهڙا نه ٽوڙ ويڙهيندا.

فوجي ٽولي کي اهو پتو ئي نٿو پوي ته، سندن نڪ هيٺان ڇا پيو ٿئي. اُن جي هڪ نشاني طور اهو ڏيکاريو ويو آهي ته وزيراعظم سيڪريٽريٽ کي مارشل لا حڪمرانن آڏو ڪيئن سازيو ويو. اُهي سمجهن ٿا ته هتي مڪمل امن ۽ حالتون سازگار آهن. ڇوته سياسي سرگرمين تي پابندي آهي. پر سياسي سرگرمين تي پابندي نٿي وجهي سگهجي. ڇوته انسان سياسي جانور آهي، ۽ رياست سياست جو ٿيٽر آهي. سياسي سرگرميون مٿاڇري تي رهن ٿيون يا وري اُهي ڳجهيون ٿي وڃن ٿيون. جيڪڏهن اُها رفتار رهي ته پوءِ ڪجهه عرصي ۾ ئي پاڪستان اٽليءَ واري ريڊ برگيڊ جيان پنهنجي ئي قسم جون ريڊ بريگيڊ ڏسندو.

سياسي سرگرمين تي پابندي وجهي، فوجي ٽولو دهشتگرديءَ کي وڌائي ويجهائي پيو. جيڪڏهن ڊومنيڪن ريپبلڪ جهڙي ننڍڙي مُلڪ ۾ سياسي سرگرمين تي پابندي مڙهي نٿي سگهجي، ته پوءِ پاڪستان ۾ سياسي سرگرمين تي پابندي ڪيئن ٿي وجهي سگهجي. سياسي سرگرمين تي پابندي اصل ۾ انهن ماڻهن لاءِ دعوت آهي، جيڪي رياست جي حڪمراني غلط طريقن ۽ ٽڳين سان ماڻين ٿا. مارشل لا ٽولو فرينڪسٽائين جو تجربو آهي، اُن جو سياسي آکاڙي ۾ هٿچراند سبب پاڪستان ۾ هي علائقو غيرمتوازن ٿي پيا آهن، ۽ اڃا اُن جو ڪوڙو فصل لُڻڻو پوندو.

www.bhutto.org

پاڪستان جي اخلاقي ۽ سياسي صورتحال اها آهي تہ اهو برطانوي پارليامينٽ طرفان منظور ڪيل هندستان واري آزاديءَ وارو ايڪٽ 1947ع ڏانهن موٽي ويو آهي. صوبن جي خودمختياريءَ جو مقدار جيڪو هنن شعوري طور وفاق اڳيان رکيو هو سو واپس صوبن ڏانهن موٽي ويو آهي. منهنجو صدر دائود سان ڊيورنڊ لائين بابت رضانامو جيڪو آگسٽ 1976ع ۾ نبيريو هو جنرل ضياءَ جي اچڻ کان پوءِ صدر دائود اُن کان گوشنات پيو ڪري يا اُن کي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ سبب خاطر ماڻهن کان لڪايو پيو وڃي.

هاڻي اچو ڏسون تہ اسان ڪٿي بيٺا آهيون:

1. ملڪ آئين بنا هلي پيو.
2. پاڪستان هاڻي حقيقت ۾ 1947ع واري هندستان جي آزاديءَ واري ايڪٽ موجب آهي، جنهن کي برطانوي پارليامينٽ منظور ڪيو هو.
3. ڪنهن بہ طريقي سان صوبن اها خودمختياري ماڻي ورتي آهي، جيڪا هنن 1973ع واري آئين پٽاندر وفاق کي ڏني هئي.
4. افغانستان ڊيورنڊ لائين کي نٿو مڃي.
5. افغانستان اجا چوندو ٿو اچي تہ بلوچن ۽ پختونن جو مسئلو پاڪستان سان پُرامن طريقي نبيرڻو آهي. افغانستان وڌيڪ ايئن بہ چئي ٿو تہ پاڪستان سان سياسي مسئلو اجا موجود آهي، ۽ ايران سان نہ آهي.
6. هندستان پنهنجن شرطن پٽاندر ڪشمير جو مسئلو نبيرڻ چاهي ٿو.
7. هندستان چين سان سرحدي تڪرار نبيريا آهن، ۽ چين سان دوستاڻا ناتا چاهي ٿو.
8. سوويت يونين، افغانستان سان واعدو ڪيو آهي تہ هو افغانستان جي نئين سرڪار جي پُٺڀرائي ڪندو.
9. سوويت يونين سينٽو ۾ پاڪستان جي ميمبرشپ تي اعتراض اُٿاريو.
10. شهنشاهہ ايران چتاءُ ڏياريو آهي تہ جيڪڏهن ايران ۾ گڙٻڙ هلندي رهي، تہ پوءِ توده پارٽيءَ کي اُن جو فائدو پهچندو.

www.bhutto.org

11. هندستان پنهنجي ايٽمي توانائيءَ ذريعي علائقي ۾ حڪومتي حق پيو مڙهي. هن پاڪستان جو اُهو نُقطو رد ڪري ڇڏيو آهي تہ ايشيا کي پُرامن علائقو ڪونيو وڃي.
12. پاڪستاني عوام بلڪ ناآسودو آهي، ۽ مايوس آهي. اُن ۾ ڪو اچرج نہ آهي، تہ 'گارجين' اخبار اسان لاءِ لکيو آهي تہ "پاڪستان اهڙو مُلڪ آهي، جنهن جو ڪو سُلجهاءُ ئي نہ آهي."

تيهن ورهين ۾ اُها وحشي صورتحال ڪيئن ٿي آهي، تنهن جو سبب اهو آهي تہ جو 1954ع کان وٺي اُهي وحشي سِڌو سنئون پاڪستان جي سياست ۾ ٿاڦوڙا پيا هڻن. جيڪي مُستقل مُفادن جي ٽولي جا نمائندا آهن. جنرل ايوب 1954ع ۾ مرڪزي وزير ٿيو ۽ اُن مُستقل مفادن جي ٽولي 1952ع ۾ 'دورشيسٽر هوٽل' ۾ ون يونٽ جو مسودو ٺاهيو. آئون اُن هوٽل ۾ 1950ع کان ويندو رهيو آهيان، جڏهن آئون آڪسفورڊ ۾ پڙهندو هوس. مونکي تڏهن اُها سُڌ نہ هئي تہ اُها هوٽل ون يونٽ جي ذميوار بڻبي. 1958ع ۾ نج فوجي حڪمراني آئي ۽ 1971ع ۾ موٽي ويئي، جنهن ۾ اوير پاڪستان ڌار ٿيو. 5 جولاءِ 1977ع ۾ فوجي ٽولو پاڪستان کي بچائڻ لاءِ وڏيڪ جوش سان آيو جيئن انهن 1971ع ۾ پاڪستان کي بچايو هو.

مارشل لا مڪمل طور نمائنده نہ آهي، اها عوام جي نمائندگي نٿي ڪري، پر اها ضرور رجعت پسند مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي جي نمائندگي ڪري ٿي. اُن مُستقل مفادن جي ٽولي ۽ سندن نمائندن ۾ هڪ بئي پُٺيان ايندڙ فوجي جنتا ملڪ کي هن پوائنٽي حالت ڏانهن آندو آهي. ننڍي ڪنڊ ۾ سنڌ پهريون صوبو هو جنهن پنهنجي اسيمبليءَ ۾ سڀ کان پهرين پاڪستان جو نهراءُ منظور ڪيو هو. پر اڄ سنڌ ڀيانڪ حد تائين اٿوٽندڙ ٿي پيئي آهي. بلوچستان بن ڏهاڪن کان صوبائي حقن سميت پنهنجا خودمختياريءَ جا حق ڇڏي مانار ۾ آهي. ايوب خان جي مارشل لا بلوچ عوام سان سرداري سرشتي يا زرعي سُڌارن سبب يا ٻين ڳالهين سبب ٽڪراءُ ۾ نہ آئي، پر اها ننڍين سياسي مسئلن سبب ٽڪراءُ ۾ آئي، جيڪي

www.bhutto.org

رڳو پنهنجيءَ ڦرلٽ کي سگهارو ڪن. پنجابي ماڻهن جي سچي خدمت ملڪ جي باقي ٻين پاڳن جيان رڳو اُن ۾ سمايل آهي تہ مستقل مفادن کي ختم ڪجي ۽ ڦرلٽ جو انت آڻجي ۽ اُن مستقل مفاد رکندڙ ٽولي کي بلڪل ميساري ڇڏجي. ڇا اُهو ٽولو پنجابي عوام جا حق مڃيندو؟ بيشڪ اهو ايئن نہ ڪندو. اُهو پنجابي عوام جي ڪڏهن بہ خدمت نہ ڪندو. اُهو بنيادي تضاد آهي. جنهنڪري پنجاب جو عوام مون سان گڏ آهي، ۽ اُن ٽولي سان نہ آهي.

مُستقل مفاد رکندڙ ٽولو چوي ٿو تہ انهن راويءَ جو پاڻي پيتو آهي، ۽ منهنجي لاءِ چوي ٿو تہ مون سنڌو درياءَ جو پاڻي پيتو آهي. پر ٻئي درياءَ پاڪستان جا آهن. ٻيو تہ پاڻي پاڻي آهي، رَت نہ آهي. اُن ٽولي عوام جو رَت پيتو آهي، ۽ آئون سمجهان ٿو تہ عوام جو رَت د نهنجي پنهنجي ذاتي رَتُ کان وڌيڪ املهہ آهي. آئون اُن لاءِ نہ آهيان تہ ڪنهن جي حاڪمي مڃان. پوءِ ڀلي اها ڏيهي هجي يا پرڏيهي هجي. آئون لوڪشاهي يا رعيتي راڄ چاهيان ٿو. رعيت مان منهنجو مطلب آهي: نج عوام ۽ نہ ڪي اُهو ڏِڪارجندڙ ٽولو.

آئون 1971ع ۾ پنجاب جي هر واهڻ ۾ ويس، هر ڳوٺ ۾ ويس، ۽ اُن مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي جي ڦوڪڻي مان هوا ڪڍي ڇڏيم. تنهنڪري آئون پنجاب جي عوام جو باقي ملڪ جي غريب عوام جي سچي اڳواڻ جيان، يڪراءِ غير تڪراري اڳواڻ بڻجي ويس. تنهنڪري اُهو ٽولو مونکي ڏِڪاري ٿو ۽ منهنجي خلاف پرچار ڪري ٿو. چوي ٿو تہ مون انهن کي پنهنجي گهر ۾ وائکو ڪيو ۽ مون پنجاب جي عوام کي چيو تہ اُهي اُنهن مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي کي ڳچيءَ کان جهلي ڪچري جي دٻي ۾ اُڇلائين. جنهنڪري اهو ٽولو منهنجي ڇِند پويان لڳل آهي.

تازو جنرل ضياءَ پنهنجي مارشل لا لاءِ هڪ ٻيو سبب بہ ڄاڻايو. هُن هڪ آمريڪي صحافيءَ کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن آئون چونڊون هارايان ها، تڏهن بہ حڪومت سونپڻ جو منهنجو ڪوبہ ارادو نہ هو. هُو ثُرت سمجهندو تہ هُن جي 5 جولاءِ وارو لوڀي عمل نہ رڳو پاڪستان کي پر هن

www.bhutto.org

علائقي کي پڻ ڪمزور ڪيو آهي. هن بيشڪ پاڪستان کي سدائين لاءِ هاجو پهچايو آهي. جيڪڏهن هُو ٽُرت پنهنجا آپگهات ڪندڙ راڄنيتي اصول واپس نہ وٺندو تہ. پوءِ محمد علي جناح جيڪر ٻيهر جنم وٺي. تڏهن بہ اهو بہ ان صورتحال کي بچائي نہ سگهندو.

مارشل لا ڪنهن بہ سُڌريل ملڪ لاءِ ڪينسر آهي. پاڪستان لاءِ اها اُن جي مقصدن جي نفي آهي. پهريون تہ پاڪستان، عوام جي هڪ جمهوري جدوجهد جي پيداوار آهي. ٻيو تہ دنيا ۾ ڪوبہ ملڪ پنهنجي مجموعي قومي پيداوار جو ايترو سيڪڙو فوج تي خرچ نٿو ڪري، جيترو پاڪستان ٿو ڪري. دُنيا جي غريب ۽ پٺتي پيل ماڻهن جي اُها سورمي واري قرباني هر سال ڪئي ٿي وڃي ۽ پاڻ کي ڏُکيو رکي فوجن جي حق ۾ ڪئي وڃي ٿي، تہ جيئن پاڪستان جي سلامتي ۽ علائقي خطرن کي مُنهن ڏيئي سگهجي. نہ ڪي فوجون پاڪستان جي پرڏيهي صورتحال تي سمجهوتو ڪري ملڪ تي حڪمراني ڪن.

پاڪستان جيان دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ ملڪ نہ آهي، جنهن جي پاڙيسرين اهو قسم ڪنيو هجي، تہ هو اُن کي دنيا جي نقشي تان ميساري پوءِ ساهہ پٽيندا. اسرائيل پڻ ساڳيءَ صورتحال سان مُنهن پئي ڏنو. جيستائين صدر صدام حسين يروشلم جو دؤرو نہ ڪيو هو. گڏوگڏ اسرائيل کي وري فوجي بالادستي آهي. جڏهن تہ نڌي ڪنڌ ۾ صورتحال اُن جي اُبتڙ آهي. هتي فوجون وري رياست جو صفايو ڪن ٿيون ۽ حاڪميت توڙي بالادستي ٿيون ماڻين. جيڪڏهن هنن کي پاڪستان جي سلامتي پياري آهي تہ. پوءِ پاڪستاني فوجون هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ پنهنجي حقيقي ذميواريءَ کان نٽائي، مُنهن موڙي نٿيون ڪري سگهن. اُهي ملڪ جي سياسي زندگيءَ ۾ ٿنگڙي هڻي ئي نٿيون سگهن. جيڪي سپاهي بيرڪون ڇڏي حڪومتي ماڙين ۾ مزا ماڻين ٿا. سي جنگيون هارائين ٿا. ۽ جنگي قيدي بڻجي وڃن ٿا. جيئن 1971ع ۾ ٿيو هو. پاڪستاني فوج جا جنرل اُن اِرادي تي پُختا آهن تہ. اُهي وري تاريخ کي ورجائيندا.

www.bhutto.org

ٿو ۽ نؤجوان نسل کي پابند ڪري ٿو ۽ سچي جوڙجڪ ۾ آڏاوت ناس ڪري ٿو. هو انڌن ڏڪن سان حڪمراني ڪري ٿو. هو ماڻهن کي ڦٽڪا هڻي ٿو ۽ ماڻهن کي ڪائي ٿو. هي ڪوڙهيو آهي. جيڪڏهن ڪو هنن کي ڇُهي ٿو ته. اُهو پڻ ڪوڙهه ۾ ورنجي وڃي ٿو. هي اهو رشوت ۾ ٻڏيءَ سان شاهوڪار بڻيل فرد آهي، جنهن جا نه آدرش آهن، ۽ نه ئي نظريا. انهن مان ڪنهن هڪڙي به تاريخ ۾ ترِ جيترو به ڪارنامو نه ڪيو آهي. اُهي ٽِيج آمر آزاديءَ جا ويڙهاڪ سپاهي نه آهن. يا نظرين سان ڳنڍيل ويڙهاڪ نه آهن. اُهي سازشون سِٽيندڙ ٽِنڊڻ آهن. ٻاهرين ايلچين جا جوتا پالش ڪندڙ پيشيور عوام مخالف جيڪي پنهنجي پيشي کي ڌيان گهٽ ڏين ۽ پنهنجي مالڪن جي پيشي ڏانهن ڌيان وڌيڪ ڏين. هي اُهي آمر آهن، جيڪي عوام کي شرمندو ڪن ٿا. هي اُهي آهن، جيڪي ڪامورن جي پيين تي هلن ٿا. هي اُهي آهن، جيڪي سوچين ٿا ته، هڪ يا ٻه سيڪڙو ناڻي جي ڦهلاءَ ۾ گهاٽي جي معنيٰ آهي ڪشمير جي آزادي. ڇا هي ڪامورن کان پُڇڻ پسند ڪندا، ته ڇا ناڻي جي ڦهلاءَ ۾ گهٽتائي سبب روزگار ۾ واڌارو ٿيو آهي يا نه؟

سُڌريل ملڪن ۾ اهو وڌيڪ ضروري آهي ته ناڻي جي ڦهلاءَ ۾ گهٽتائي آڻجي، پوءِ ڀلي بيروزگار ٿي نه ٿئي، ڇوته عوام جو وڏو تعداد بيروزگاريءَ کان وڌيڪ ناڻي جي ڦهلاءَ کان متاثر ٿئي ٿو. بيروزگاريءَ جون ڏکيائيون سوشل سيڪيورٽيءَ جي رٿائن تحت گهٽايون وڃن ٿيون. جڏهن ته اُسرندڙ ملڪن ۾ اُتي بيروزگارن لاءِ ڪي ڪم جهڙيون سوشل سيڪيورٽي ڀلائي ۽ سُڌاري جون رٿون نه آهن. ناڻي جي ڦهلاءَ ۽ بيروزگاريءَ مان ڪنهن کي اوليت ڏجي، اهو ايترو سولو نه آهي. اُهي ٻڙلاءَ کان خالي نه آهن، ۽ نه انهن جو آدرشي حل موجود آهي. سُڌريل ملڪ کان اُسرندڙ ملڪن جون حالتون گهڻيون مختلف آهن. ناڻي جي ڦهلاءَ ۽ بيروزگاري ٻئي خراب ۽ پريشان ڪندڙ آهن. پر جيڪڏهن ٻنهي برابر مان ڪنهن هڪ کي چونڊڻو پوي ته سُڌريل ملڪ ناڻي جي ڦهلاءَ کان وڌيڪ بيروزگاريءَ کي ترجيح ڏيندا. اُسرندڙ ملڪن کي بهتر آهي ته اهو

www.bhutto.org

مشورو ڏجي تہ اهي بيروزگار بجاءِ ناٽي جي ڦهلاءُ کي چوندين. ڪيترائي اُسرندڙ ملڪ جهڙو برازيل ايئن ترقي ڪئي، جڏهن هن چاٽي ٻجهي، اها ڏکي چوند ڪئي. ڪينيسين جو نظريو انهن ملڪن لاءِ شايد ڪارائتو نہ هجي، جن واڌاري جون حدون پارڪيون هجن. پر انهن ملڪن لاءِ ڪارائتو آهي، جيڪي پنهنجي معيشت جي ٻالڪپڻيءَ ۾ آهن. پر ٽيچ آمرن لاءِ اُهي سوال ڪيئن اُٿندا. تہ اهڙي فرد لاءِ جيڪو امير قوم لاءِ سُٺو آهي، سو ئي غريب قوم لاءِ سُٺو نہ آهي. هي امير ماڻهن جا فارمولا مجي ٿو چوتہ هو پاڻ امير ماڻهن جو پالڻوءَ هٿيار آهي.

غير ترقياتي خرچن ۾ گهٽي ڪتوتي ڪري ماڻهن کي خالص ۽ نوس ڇُوٽ ڏجي. اهو ئي وڏيڪ ضروري آهي. جتي ٻاهرين ملڪن سان تڪرار نبيري سگهجن ٿا. اتي انهن کي فوجي ذريعن سان نبيريو وڃي. اهو فهم ۾ ايندڙ نہ آهي. اُهي ڪتوتيون وڏي پيماني تي ناٽي ڦهلاءُ ۾ گهٽتائي آڻينديون، ۽ روزگار جا موقعا پڻ ڏينديون. ڇا اهڙا بنيادي ۽ معاشي طرح پُختا فيصلا ڪري سگهجن ٿا. جڏهن بجيٽ جو اعلان پارليامينٽ بجاءِ ٽي ويءَ جي شاندار سجايل استوڊيو مان ڪيو وڃي. فوجي جنتا اهي فيصلا ڪري ئي نٿي سگهي، ڇوتہ جنرل ڪنڊر گارڊن ۾ ٻارن جيان آهن! انهن کي تہ رُڳو رانديڪا گهرجن. جن سان اُهي راند ڪري سگهن ۽ جنگ جا هٿيار سندن رانديڪا آهن. اُهي جنگ ڏانهن وڃي نٿا سگهن ۽ نہ اُهي جنگ ڏانهن ويندا. جيتوڻيڪ انهن وٽ هٿيار آهن. اُهي انهن لاءِ پريڊ جي گرائونڊ تي فخر ۽ عزت لاءِ آهن. انهن چاپلوسن کي چاپلوسين جي مدد جي گهُرج آهي، تہ جيئن جوڪائتن ۽ پوائتن سچائين کان پري رهي سگهن. جيئن انهن جا وڪا پڌرا نہ ٿين، ۽ اُهي اڻوڻندڙ سچ ٻڌي نہ سگهن. اُن ڳالهہ ۾ ڪا اچرج نہ آهي تہ اُهي اصلي فوجي پنڌ کان ٻچن ٿا. تجويزن جو پنڌ. مرد ۽ عورت جو پنڌ. بوٽن بنا پيرين اُگهاڙو مرد ۽ عورتن جو پنڌ. اُهي هر شيءِ کي کڏ کوهہ ۾ اُڇلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ايتريقدر جو مونکي ابهم ٻار جي ماءُ جي ڪير لاءِ بہ رڙ ڪوٽ لکپت جيل مان ٻڌڻ ۾ آئي.

www.bhutto.org

پيٺي آهي. اولهه سامياواد رياستن سان واجبي ۽ دوستاڻا لاڳاپا چاهي ٿو. اهو رُڳو روس لاءِ صحيح نه آهي، پر چين، يوگوسلاويا، رومانيا، پولينڊ ۽ ٻين اوڀر يورپ جي ساماياواد رياستن لاءِ به آهي. ساڳيءَ وقت اولهه انهن غير ساماياواد رياستن مان ناراض ۽ چڙيل آهي، جن کي اولهه سوويت يونين ۽ چين جو پوئلڳ يا ٻانهو سمجهي ٿو. اُن جي معنيٰ اها ٿي ته، سوويت يونين جو صدر ساماياواد برزنيف ۽ ساماياواد هواڪوفننگ چين جي ساماياواد پارٽيءَ جي چيئرمين کي، ليبيا جي مسلمان قذافي ۽ الجزائر جي غير ساماياواد مسلمان قومپرست بومدين جيان، غير ساماياوادن ۽ مسلمان قومپرستن کان ترجيح ڏني وڃي ٿي. اهڙيءَ پيٽ ٽيٽو ۽ چائوشسڪو سان به ڪري سگهجي ٿي. اُهو سڀ ڪجهه پڌرو ڪري آئون وڌيڪ اڳتي نه ويندس. نتيجو اهو نڪتو ته اولهه جي ويچار ۾ ساماياواد رياست جو ساماياواد اڳواڻ، غير ساماياواد رياست ۽ اڳواڻ کان وڌيڪ ترجيح وارو آهي، جن جا ساماياواد رياستن سان دوستاڻا ناتا هجن. اُهو اُلٽو قصو اتي ختم نٿو ٿئي. اهو وڌيڪ جوکائتو آهي، ته اولهه جو پوئلڳ ٿيڻ کپي.

قومي مقصد جي بچاءَ تي شُهمت نه ٿيڻ سبب عوامي اڳواڻ کي فوجي بغاوت سبب ويڙهو پوي ٿو. هن جي جاءِ تي ٽيُون فوجي آمرن کي آندو وڃي ٿو جيڪو ڪنهن به مسئلي تي پيچڪڙيءَ جي همت نٿو ڪري. توڙي جو اُهي هن ملڪ جي اهم قومي مفاد ۾ هجن ۽ اها بدترتيبي اُلٽو اجا اڳتي وڌي ٿي. اهڙن پڪن پنوئن جي عوام مخالف ۽ قوم مخالف پاليسين سبب هن ملڪ ۾ ساماياواد، عوامي ۽ قومي اڳواڻ جي دؤر کان وڌيڪ ڦهلجندو ۽ ويجهندو. جنهن ۾ ساماياواد اؤسر نٿو ڪري ۽ اُن مسئلي جي شُلجهاءَ جو هنن وٽ هڪڙو طريقو آهي، ته ساماياواد رياست جي ساماياواد اڳواڻ کي، غير ساماياواد رياست جي اڳواڻ تي ترجيح ڏني وڃي ٿي، جنهن کي موٽ ۾ اولهه پسند، خوداعتماد، عزت پرئي عوامي اڳواڻن کان وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو. اُن قسم جي ڏوجهڙي سان اولهه جي آشيروادي فوجي جنتا کي جوکو رسي ٿو. فوجي جنتا جا راڄنيتي متا ساماياواد انقلاب لاءِ واٽ ناهين

www.bhutto.org

جي مهانَ هال ۾ مائوزي تنگ ۽ چين جي اڳواڻن سان گڏ ويهڻ کان پوءِ، ستدن ساميـاواد طاقتن، ۽ غير ساميـاواد دوستن سان دشمنيءَ اجائي ڏسڻ ۾ ٿي آئي، ۽ جيڪو وڌيڪ اجايو ڏسڻ ۾ ٿو اچي، سو آهي اڻ ڏريو ۽ اولهه پسند قومي سياسي اڳواڻن ڏانهن غلط سڀاءُ جو ڏيکاءُ، جيڪي پنهنجي قومي مفاد بچائڻ لاءِ جائز عقيدي پٽاندر سُهمت نہ ٿيڻ جي همت ڪن ٿا. آئون جان جوڪي ۾ وجهي هڪ قدم اڳتي وڌي همت ڪندي چوندس، تہ جيڪڏهن اهو پڌرو ٿئي ٿو تہ آمريڪا جي ساميـاواد پولينڊ ۽ ساميـاواد رومانيا کان جرمنيءَ جي وفاقي رعيتي راڄ ۽ جاپان سان وڌيڪ ڳجهي چڪتاڻ آهي، تہ صحيح ٿيندو. مطلب تہ دنيا جي مساوات جو حقيقت ۾ هڪڙي پاسي جهُڪاءُ آهي.

اُن رومال ۾ ويڙهيل سچائيءَ ڪي تاريخ جي منطقي سمجهاڻيءَ جي قالب ۾ وجهي سگهجي ٿو. 1848ع ۾ ڪارل مارڪس چيو تہ "سرمايدارَ نظام پنهنجي تباهيءَ جو ٻج پاڻ ٻيو ٻوڪي." اُن منظر ڏيکارڻ لاءِ اهو وڌيڪ مختصر طريقو آهي. مارڪس سرمايدارَ نظام جي تباهيءَ دنيا جي ڪچي مال لاءِ سرمايدار رياستن جي ويڙهہ کي سمجهي ٿو پر هاڻي ظاهري طرح سرمايدار نظام پاڻ کي نقصان پهچائيندڙ طريقي تي قابو پائي ورتو آهي، ۽ هُن پنهنجي ايلچيگيريءَ ذريعي هڪ ٻيو طريقو ڳولي لڌو آهي.

مثال موجود آهن. جيئن ناصر ۽ سوئيڪارنو ساميـاواد اڳواڻ نہ هئا. نہ ئي اُهي اولهندي طاقتن جا ٻانهن ٻيلي هئا. ۽ نہ ئي اُن جي اُبتڙ. صدر آئزن هاور آمريڪا جي ٻين صدرن جي ڀيٽ ۾ ناصر جي بنيادي سڀاءُ ۾ ٿورڙو فرق بہ پرکي وٺندو هو. توهان مٿان ايئن چئو تہ آئون آئزن هاور جهڙي فوجي اڳواڻ جي شعور ۽ سياسي ڏاهپ کي ساراهيان ٿو نہ ايئن هرگز نہ آهي. اهڙا ڪي فوجي اڳواڻ آهن. آئون اڳ ۾ اهڙن فوجي جنرلن وچ ۾ ورچ ڪري آيو آهيان. جنرل چارلس ڊيگال پڻ فوجي اڳواڻ هو. جيڪو منفرد لڇڻن وارو سياسي اڳواڻ بہ هو. اُهي اڳواڻ واقعي اڳواڻ هئا. اُهي ٻيءَ مهاڀاري جنگ جي اوڙاهہ مان گُذريا هئا. ۽ سياست ۽ ايلچيگيريءَ سان گهرو چاهہ هوس. چارلس ڊيگال ۽ آئزن هاور ٻنهي کي خوشحال جمهوريت

www.bhutto.org

جو پيلوڙفن آهي.

اولهندي مُلڪن جي تهذيب. عيسائي تهذيب آهي، جنهن مهان ۽ شاندار تهذيب جون پاڙون حضرت عيسيٰ ع جي قول سان جُڙيل آهي. عيسائين جو چوڻ آهي ته حضرت عيسيٰ ع نه رڳو پيغمبر هو پر هُو الله جو پُٽ به هو. اسان مسلمان به هن کي پيغمبر مڃون ٿا. ۽ سندس بي عيب ڄمڻ واري نظريي تي ويساهه رکون ٿا. پر اسلام سختيءَ سان وحدانيت وارو دين آهي. "اُهو الله جي پيءُ ۽ پُٽ واري نظريي کي نٿو مڃي ۽ نه پاڪ پُوت يا آتمائن کي." عيسائين لاءِ حضرت عيسيٰ ع جون چوڻيون ۽ هدايتون هڪ الله جي پيغمبر کان وڌيڪ مُقدس آهن. عيسائين جي عقيدي مطابق اُهي چوڻيون ۽ هدايتون الله جون پنهنجون آهن. 'ٽين دنيا جا گهڻا مسئلا نبيرجي وڃن. جيڪڏهن عيسائي اولهه جي حضرت عيسيٰ جي هڪڙي هدايت تي عمل ڪن. اُها هدايت آهي':

"جيڪو سيزر جو آهي، سو کيس موٽائي ڏيو. ۽ جيڪو الله جو آهي، سو الله مٿان ڇڏي ڏيو." آئون سمجهان ٿو ته ٽين دنيا کي اُهو کپي، جيڪو سندس آهي، ٻيو ڪجهه به نه. ٻن سؤ ورهين جي وڌيڪ عرصي کان اولهه جا مُلڪ عيسائي تهذيب. حضرت عيسيٰ جي هدايتن جي بيدرديءَ سان پچڪڙي ڪندا رهيا آهن. اولهه هر اها شيءِ پاڻ ڏانهن ڪنئي آهي، جنهن جو لاڳاپو سيزر سان آهي، ۽ جنهن جو ناتو الله سان آهي.

اولهه جا سرمايدار مُلڪ پاڳن کي انصاف پٽاندر نٿا ورهائين. اهي اسان کي اُهو ڪجهه نٿا موٽائي ڏين، جنهن جو ناتو اسان سان آهي. اها ورڇ معاشي، سماجي، نسلي ۽ سياسي حقن جي آهي: اُن جي معنيٰ آهي ته آفريڪا ۾ ڪنهن دير بنا اڪثريت جو راڄ. ڪنهن کي الڳ رکڻ ۽ بيدياءَ جو خاتمو موقعن ۾ اڻبرابريءَ جو خاتمو انساني حشمت جي عزت ۽ هڪ عزت ڀريئي زندگي. اُن ۾ ڪاٻه ڪاوڙ جي ڳالهه نه آهي. ان جا انتظام ڪنهن کي هاجو پهچائڻ يا تڪليف ڏيڻ ڪانسواءِ ڪري سگهجن ٿا. اسان کي روز ماني ٽُڪر کپي. اسان اهو زور نٿا ڀريون. ته اُن تي مکڻ، ڪِريم مکي ڏني وڃي. اسان اهڙي سطح جي مادي خوشحالي ڪونه ماڻي آهي، جو ڪڳيون هڻون. لالچ ۾ پئون ۽ خودغرضيءَ ۾ فخر ڪيون. اسان اُن

www.bhutto.org

ڪان وڌيڪ نٿا چاهيون. جيترو اسان جي پاڙي ۾ در پرسان پاڙيسريءَ وٽ آهي. ڀيڻ صورت ۾ اهو اسان لاءِ ممڪن ٿي نہ سگهندو تہ اسان سُٺا پاڙيسري ٿي سگهون. اسان اوير ۽ اوير جي دوستي چاهيون ٿا. ٻنهي دنيائن جو ڀائيچارو چاهيون ٿا. جنهنڪري اسان ٽين دنيا سڏجون ٿا. اهڙي دنيا جيڪا باقي ٻن دنيائن جي وچ ۾ پُل جو ڪم ڏئي.

اسان کي پتو آهي تہ فاصلو ڪيئن رکجي. اسان اولهہ کي پريشان نہ ڪنداسين. اسان جي پُل اُن چُميءَ جهڙي نہ هوندي جيڪا جنرل مومبوتو صدر ويلري زسڪارديستان کي تڏهن ڏني، جڏهن هو پيرس ۾ آفريڪا تي ڪوئايل ورسيلز ڪانفرنس لاءِ ٽڪجي لٿو هو. اسان جي پُل نہ ئي اهو پاڪر هوندو، جيڪو هن برطانيا جي وزيراعظم کي تڏهن پاتو هو جنهن ڪيس اچرج ۾ وجهي ڇڏيو جڏهن هو جنوري 1978ع ۾ اصفحان لاءِ لاهور مان ويو پئي. ڀائپيءَ جو سرشتو ۽ ميل جول مادي هڪجهڙائيءَ سان وڌي ٿو نہ ڪي 'حاڪم، غلام' جي لاڳاپن سان، جيڪي ظاهري طور معيشت جي اڻبرابريءَ کي جنم ڏين ٿا.

جنيوا ۾ 1954ع ۾ هند چيني تي ڪانفرنس دوران جان فوسٽر ڊيولاس، وزيراعظم چو اين لاءِ سان هٿ ملائڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن وزيراعظم جواهر لال نهرو جون پڇاڙڪيون رسمون ۽ ڪريا ڪرم جمنا ڪناري سان ٿيون پئي. "سهڻي لارڊ مائونٽ بيٽن ايڊمرل جي تجليدار پوشاڪ ۾ مونکان ٽي ڪُرسيون پري ويٺي هئي." مون هُن سان هٿ ملائڻ کان ڪيٻايو رُڳو منهنجي خيال ۾ ان ڪري نہ. تہ هن پاڪستان کي هاڃو رسايو هو پر ڪنهن قدر سبب اهو هو تہ ڊيولاس ايشيا جي مهان اڳواڻ جي جنيوا ۾ توهين ڪئي هئي. سو آئون چوان پيو تہ عزت ۽ واڪاڻ سان اسان جي دوستيءَ جو هٿ اسان جي پُل هوندي. جيڪڏهن اولهہ موٽ ڏني. تہ اهو مضبوط ۽ گرمجوشيءَ وارو پاڪر هوندو. اسان اولهہ کي چڱيءَ طرح سمجهون ٿا. اُن جون ڪمزوريون، اوڻايون ۽ اُن جا گُڻ اسان کي چاتل آهن.

اولهہ ٽين دنيا کي صدين کان ضابطي هيٺ رکيو آهي، پر هُن نہ اسان جي سرڪش ورثاءُ ۽ سوچ کي سمجهيو آهي ۽ نہ اُن جي موٽ ڏني آهي. جڏهن سوويت يونين جو صدر گڏيل قومن جي اداري ۾ پنهنجا بوٽ لاهي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي ڌيڪاري ٿو تہ. سيڪريٽري جنرل موٽ ۾ مُرڪي ٿو مٿان روسترم تان هيٺ لهي اچي ٿو ۽ سوويت يونين

www.bhutto.org

جي صدر ڏانهن وڃي، سائنس هٿ ملائي ٿو. جڏهن اهو واقعو 1960ع ۾ ٿيو ته آئون سوويت وزيراعظم کان تي قطارون اڳ ۾ ويٺل هوس. پر جڏهن اسان ڪوشش ڪيون ٿا. ته پنهنجي ملڪ جي جائز حقن کي بچايون. ۽ ان کي عالمي برادريءَ جو وڏيڪ ڪارائتو ميمبر بڻائي سگهون. ته اسان جي ڪوشش کي غلط سمجهيو وڃي ٿو. تختي اُلٽڻ جون سازشون ڪيون وڃن ٿيون. ۽ پڇاڙيءَ ۾ اهڙين سازشن جي سوپ کان پوءِ اُهي جملا ٺوڪ مان چيا وڃن ٿا ته. 'هُن پنهنجي ڪاوڙ ۾ جهَل نه پئي ڏني." منهنجي ملڪ کنهن جي مُنهن کي پنهنجا جُوتا ڪونه ڏيکاريا هئا. پر پوءِ به طاقتور آڪڙ اهڙو دل ڏاريندڙ رايو ڏئي ٿي.

فوجي جنتا مون سان جيڪو ڪجهه ڪيو آهي، تنهن سبب آئون پنهنجو رايو ڏيڻ ۾ ڪُهرو ٿيان ٿو. توهان مهرباني ڪري اهو نه سوچجو. مونکي تاريخ جي چڱي خاص ڄاڻ آهي ته وقت جون لهرون ڪيئن ٿيون رُخ موڙين. ڪيئن ڪالهه جا شهنشاهه اڄ جا بيکاري بڻجي ٿا پون. توهان کي ڄاڻ آهي ته مونکي نيپولين بوناپارٽ تي ڪيترو فخر آهي. توهان کي پتو آهي ته. مونکي فرانسيسي انقلاب ۽ نيپولين دؤر سان ڪيڏو نه رومانوي لڳاءُ آهي. انقلابن نه رڳو پنهنجي بادشاهه کي ختم ڪيو پر هو پنهنجي انقلاب کي به ڳڙڪائي ويا. رابيسپيري ۽ ڊينٽن به مشهور انقلابي هئي. جن کي ڦاهيءَ ڏني وئي هئي. اُتي جزا عيوض جزا هئي. ۽ پلاند عيوض پلاند. شاندار تهذيبي ڪاروان جي مڪمل ڪپتان نيپولين کي ايلبا ۽ سينٽ هيلينا ڏانهن پري اُماڻيو ويو پر نيپولن کي ڪنهن ايلبا ۽ سينٽ هيلينا ڏانهن جلاوطن ڪيو؟ اُهو فرانس جو عوام نه هو.

فرانسيسي انقلاب به صديون اڳ آيو پر پلاند بعد پلاند سبب هُن پنهنجو بنيادي مقصد وڃائي ڇڏيو. جڏهن اُهو فاعلي ۽ پلاند وٺندڙ ٿي پيو ته انقلاب مان گهڻيون اُميدون رکندڙ فرانس جي-پورهيت جو انقلاب ۽ انقلابين تان ايمان کڄي ويو. فرانس انقلاب جي ماءُ آهي. هن هڪ ٻار انقلاب کي جنم ڏنو. ايتري عرصي کان فرانسيسي پورهيت فرانس کي ٻار سان ڳريوتي ڪيو هو پر اڪثر ايئن ٿيو هو جو ٻار جي جنم وٺڻ مهل ڳرپ ڪِري ٿي پيو. اسان کي پُٺتي ماضيءَ ڏانهن وڃڻ جي گهُرج نه آهي. اهڙا انقلاب مئي 1958ع ۾. ۽ مارچ 1978ع ۾ ضايع ٿي چڪا هئا. ان جي ڪجهه سمجهائي ايئن ڏيئي سگهجي ٿي ته فرانس کي به سؤ ورهيه اڳ

www.bhutto.org

جيڪو پار جو تجربو ٿيو هو سو پار ڪانڱس پوءِ ضايع ٿي ويو. ظاهري طور جيڪو سمجهه ۾ اچي ٿو سو اهو آهي ته اُن پراڻي نظام کي ختم ڪرڻو پوندو ۽ نئون نظام جوڙڻو پوندو. مخالفن انهيءَ سمجهاڻيءَ کي بدگمانيءَ ڪوٺيو ۽ انقلابي اُن ۾ ناڪام ويا ته آزاديءَ مساوات ۽ پائيچاري کي گهٽي حد تائين سگهارن ادارن جو روپ ڏين. رَت جي هوليءَ کي انقلاب ماپڻ جو پيمانو ڪوٺيو ويو. انقلاب اشرافن کي ماريو پر شرافت وري پڌري ٿي پيئي. انقلاب، بادشاهه ۽ راڻيءَ کي ماريو پر بادشاهه ۽ راڻي وري فرانس جي گاديءَ تي موٽي آيا.

روس ۾ زار ۽ سندس ڪٽنب کي قتل ڪيو ويو. پر روس جو انقلاب انهيءَ عمل تي نه ناهيو ۽ مضبوط ڪيو ويو هو. ڪنهن به طرح اُن جو روس کي طاقتور بنائڻ ۾ ڪوبه ناتو نه هو. جڏهن ته چيانگ ڪائي شيڪ جي پيچڻ ۽ چين جي انقلاب ذريعي طاقتور ٿيڻ جو ناتو هو. جڏهن جمال ناصر، فاروق جي خراب ۽ ڏِڪاريل حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو، ته هُن جي ڪيئي ساٿين چاهيو ته. فاروق کي موت جي سزا ڏني وڃي. پر ناصر ان کان انڪار ڪيو ۽ هُن فاروق کي مصر ڇڏڻ جو وجهه ڏنو. ناصر جو قدر مهذب دنيا ۾ وڌيو. هن انسانيت جي اوچن قدرن جي پوئواري ڪئي. فاروق پُوري عزت ۽ آبروءَ سان مصر ڇڏيو. شاهي جهاز مصر جي ڪنارن کان جيئن پري ٿيو ته. ناصر پنهنجي اڳوڻي بادشاهه کي سلام ڪيو. سُني مسلمان هئڻ سبب ناصر اسلامي تاريخ جي روايتن جي پوئواري ڪئي. هن جي انقلاب کي ڪوبه نقصان نه رسيو ڇوته هن جو سياءُ کهل سان ٺمتار هو.

ترڪيءَ ۾ فوجي جنتا سوچيو ته. ترڪيءَ جي سوالن جو سولو جواب آهي ته عدنان ميندريس کي موت جي سزا ڏجي. سيپٽمبر 1960ع ۾ ايوب خان مونکي ترڪيءَ ۾ موڪليو ته آئون فوجي جنتا کي اپيل ڪريان ته اُهي ميندريس جي جان بخشين. مون جنرل گورسيل سان ڊگهي ملاقات ڪئي، تنهن وقت ترڪيءَ جو پرڏيهي وزير سليم به موجود هو. جنرل گورسيل مونکي ٻڌايو ته. "موت جي سزا ڏيڻ سان ترڪيءَ جا مسئلا نبيرجي ويندا. ترڪيءَ جي ڪجهه حصن ۾ شديد ردعمل ته ٿيندو پر ڪجهه مهينن کان پوءِ هرڪو ميندريس کي وساري ويهندو." مون جنرل کي ٻڌايو ته "ترڪيءَ جا مسئلا اُن موت جي سزا سان نه نبرجندا. پر

www.bhutto.org

ترڪيءَ جو اصل مسئلو ان سان گڏ شروع ٿيندو. ترڪيءَ جو عوام اُن سزا کي ڪجهه مهينن ۾ وساري نہ سگهندو. پر هر هڪ ترڪ ايندڙ ٽن پيڙهين تائين اُن سزا جو گناهہ پاڻ سان کڻي گهمندو." مون جنرل گورسيل کي ٻڌايو تہ "ميندريس امر ٿي ويندو ۽ اُٿلندو ترڪيءَ جي مُنهن تي اونهو گهاوَ جو نشان ڇڏي ويندو ۽ ايترو گهرو ڏقيڙ سندس سياسي بدن تي وجهندو." جڏهن آئون جنرل گورسيل جي آفيس مان نڪتس، تہ سليم سارپر پنهنجو هٿُ منهنجي ڪُلهي تي رکيو ۽ چيو "توتي الله جون رحمتون هجن." اُن کان اڳ مون ڪرنل الپاسلان ٽُرڪ سان گرما گرم ڪچهري ڪئي هئي، جيڪو تنهن وقت فوجي جنتا ۾ مُک حيثيت رکندڙ هو. ٽُرڪي اجا اُن هاڃي جي سوڳ ۾ آهي، اها اجا اُن نفسياسي صدمي مان ڇوٽڪارو پائي نہ سگهيو آهي.

تازو صدر دائود ۽ سندس گهرياتين کي ماريو ويو جڏهن افغانستان پنهنجو رُوپ پٽي بدلايو اهو هڪ انقلابي ويڙهہ دوران ٿيو ۽ اهو تنهن وقت جو منطق هو جنهن کي پهرين ڪونہ سنيو ويو هو: "سازش وسيلي رٿيل قتل." اهڙي سازش جو آئون پاڻ شڪار آهيان: وقتائتي پڌري ٿيندڙ سازش ۽ نيچ قسم جي سازش جيڪا مهينن کان هلندي ٿي اچي. ٻنهي سازشن ۾ خاصيتن جو فرق ائين آهي، جيئن زلزلو يا ٻرندڙ جبل جو ڦاٽڻ. ٻيو ايئن آهي جيئن ڪنهن جي سنگهرن ۾ سوگهي جسم مٿان ڪيوليون ماڪوڙا اُڇلائڻ. پوءِ بہ اُن اڳوٽي پلاند جو مقصد ڇا آهي؟ ان صورت ۾ اها خودغرضي آهي ۽ پُٺتي پوندڙ مستقل مفاد رکندڙ ٽولي جي فائدي لاءِ آهي، نہ ڪي عوامي فائدي لاءِ. جيڪڏهن عوام کي منهنجو ڪنڌُ ڪپي تہ آئون ڪنهن اعتراض بنا ڪنڌُ جهُڪائيندس. جيڪڏهن آئون ماڻهن جو ڀروسو ۽ عزت وڃايان، تہ پوءِ آئون جيئڻ پسند نہ ڪندس. اُن ناٽڪ جو افسوسناڪ پهلو اهو آهي تہ ان جي اُبتڙ ڳالهہ بلڪل سچ آهي، فوجي جنتا هر قسم ۽ هر رنگ جا صلاحڪار گڏ ڪيا آهن، پر فوجي جنتا جو دماغ صحيح مشوري تي هِريل نہ آهي. ٻيءَ مهاڀاريءَ جنگ کان پوءِ اهو چيو ويو تہ برطانوي، آمريڪن لاءِ ايئن ثابت ٿيندا. جيئن يوناني رومن لاءِ ٿيا هئا. پر ايئن نہ ٿيو. ڇوتہ امريڪن پنهنجو ورثاءَ اطالوين جهڙو رکيو. الڪاپوني فوجي ۽ فوجي جنتا جا ڄٽ، يونانين کي سمجهي نہ سگهندا.

اهو لازمي آهي تہ آئون ڏک ڪيان ۽ ذاتي طور ڪاوڙ ڪريان، جو

www.bhutto.org

آهيان. منهنجي مَن ۾ شهنشاهيت خلاف سخت ڌِڪار هو پر هاڻي جڏهن اُنهن گڏريل ڏينهن کي ساريان ٿو ته منهنجي مَن ۾ ڪوبه ساڙ نه آهي. اهو بندُ ٿيل بابُ آهي. توهان جيڪڏهن هاڻوڪي جاکوڙ ۾ مڪمل طور رُڌل آهيو ته. پوءِ توهان رُڳو ماضيءَ جي جدوجهد تي جيئرو رهي نٿا سگهو.

مون سان 15 جون 1978ع تي جنرل شوڪت ملڻ آيو تنهن وقت آئون نراس هوس. هن 1963ع ۾ منهنجي پرڏيهي وزير هوندي، راولپنڊيءَ جي سول ۽ مليٽري اسپتال ۾ منهنجو آپريشن ڪيو هو ته مونکي ياد آهي ته جڏهن آئون نشي جي اثر هيٺ پئي آيس، ته آئون ورجائي اُهي جملا چوندو رهيس، ته آئون حڪومت کي اهڙي اجازت نه ڏيندس، ته اها اڪبر بگٽيءَ کي ڦاسي ڏئي. آئون اڪبر بگٽيءَ ۽ خيربخش مريءَ کي سڏ ڪندو رهيس. سياست جا اُهجاڻ ۽ رُوپ ڪيڏا ته هيٺ مٿانهان آهن. جو 1973ع ۾ پاڪستان جي صدر هئڻ مهل آئون رُڳو پاڪستان خاطر ساڳين بلوچ اڳواڻن جو مخالف ٿيس. توهان جو جيڪڏهن قسمت سان رسنو سندن رستي کان ڌار ٿئي ٿو ته. ڪين ٻڌائڻ منهنجو ايمان آهي. ته بلوچ بهادر پيءُ ۽ فخرمند ماءُ جو اولاد آهي. بهادري ۽ فخر ٻئي ڏاڏيءَ نفاست سان سندن سُندر چهرن تي سونهين ٿا.

4. تون 1957ع جي سياري ۾ جڏهن رڳو چئن ورهين جي هُئينءَ. ته اسان المرتضيٰ جي ٽيرس تي ويٺا هئاسين. اهو سُهڻي صبح جو وقت هو. منهنجي هٿ ۾ هڪ ڏونالي بندوق هئي. مون لاپرواهيءَ ۾ هڪڙو جهنگلي طوطو ماري وڌو هو. جڏهن طوطو ٽيرس پرسان پَٽ تي اچي ڪِريو ته تو ڪاوڙ ۽ ڏُک مان ڪِيڪون ڪيون هيون. ۽ پوءِ تو مُئل طوطي کي پنهنجي موجودگيءَ ۾ پُوريو هو ۽ پوءِ تون لڳاتار روئندي رهينءَ. ۽ نيٺ ماني به نه کاڌي هڪڙي مُئل طوطي 1957ع جي سياري مُند ۾ لاڙڪاڻي ۾ ننڍڙي ڇوڪريءَ کي ڏک ۾ روئاريو هو.

اُها ننڍڙي ڇوڪريءَ ايڪيهين ورهين کان پوءِ جوان عورت بڻجي ويئي آهي. جنهن جون رَڳون فولاد جون ٺهيل آهن. جيڪا ظُلم جي ڏکهي ۾ ڏکهي پوائنٽي رات سان به ٽَڪر کائي، ساٿس وڙهي سگهي ٿي. تو بيشڪ ثابت ڪيو آهي ته. تنهنجي رڳن ۾ ويڙهاڪ رَت ڊوڙي پيو.

www.bhutto.org

